# نہ ڪم نبريو
# نہ غم نبريو

استاد بخاري

روشني پبليڪيشن
حيدرآباد/ ڪنديارو

"نہ ڪم نبريو- نہ غم نبريو"

شاعر جا حق ۽ واسطا محفوظ
پهريون ايڊيشن © جنوري 1993ع

ڪمپوزنگ: بشير جمالي، ڪمپيوٽر آپريٽر عبدالبرادرس، ليزر ڪمپوزنگ سينٽر، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ: سهيل آرٽ پريس، ڪراچي
ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ضلعو نوشهرو فيروز، سنڌ، پاڪستان.

قيمت: 90.00 رپيا.

NA KAM NIBRYO - NA GHAM NIBRYO
*(A Sindhi poetry by Ustad Bukhari)*
*Composed by Abdul Brothers, Laser Composing System, Hyderabad, Sindh.*
*Printed by Suhail Art Press, Karachi.*
*Published by Roshni Publication, Kandiaro, Sindh.*
First Edition © *January 1993.*

مسلسل جدوجهد جي نالي.
استاد بخاري

# غزل

تعريف تنهنجي مونکان پوري نہ ٿي سگهي.
توڙي جو پاڻ توبہ چيو ٿي، وڏائي آ.
استاد کي پهاڙ نہ سمجهو، جي سمجهو ٿا.
چوٽيءَ تي برف آهي، اندر ۾ ڀلاءُ آ.

تنهن جو پيارو ڪتوريءَ وانگر.
بعضي ساڙي ڪوريءَ وانگر.
ڪاٽ ڪيم پٺي ڳالهہ بخاري،
اڏ ۾ ڇڏيم اٿپوريءَ وانگر.

○

نہ ئي ديد آهي واندي، نہ هي ڏيان آهي واندو.
چو درد ايڏو لمبو تو داستان آندو؟

ڪيڏي حسين دنيا، ڪيڏو عزيز جيوَن!
پر شرط آ تہ ماڻهو بيوس هجي نہ باندو.

هي شهر ڏيري ڏيري جنت مان ٿي ويو دوزخ،
هر شخص ڀڙڪي شعلو، هر لفظ جهڙو ٽانڊو.

يزدان بي نياز آ، شيطان بي لحاظ آ،
انسان ٿي اياريو، انسان ۾ اوڙانيو.

منهن- مرڪ دوستيءَ جي، اک عڪس دشمنيءَ جو،
ڪيڏو ڏيو لڳي تو ماحول جو مهاندو.

پردا ٿُلها سبائي، حاڪم لِڪو پلي پر،
ميڪاولي جو انگ انگ ان ۾ بہ آهي نانگو.

هي ڪائنات سمجهو مومل جي ڪاڪ آهي،
هت حسن، پيار، دوکو هر جاءِ آ هيڪاندو.

استاد عيد ڪهڙي جي ديس درد وندو،
مشتاق ڪهڙو ٺهڪي، محبوب جنهنجو ماندو.

⬠

○

هستي تاجي، پستي پيئو، اٿندو هان.
ساجهہ سان سَرمستي وينو، اٿندو هان.

پوڄيان تنهنجي سونهن کي سامهون ويهاري،
خوشبو توسان، جهٽونڪو جهٽونڪو، اٿندو هان.

شعر اهي تا جهَرڪن، جهُومن جن ۾ من،
تنهنجو جلوو، پنهنجو جذبو، اٿندو هان.

آس اٿئہ جو اهڙو هينئڙو ماهر آ،
ويني وينو، بيني بيٺو، اٿندو هان.

مون جو ٽوڪيومانس نڪمو گذرين تو،
ڏينهن ڇيو، مان ڇانءِ ۽ تڙڪو، اٿندو هان.

ڪارو خطرو، پيلو الڪو، وقت ڏنو،
پوءِ بہ رت کي اوتي، ريٺو، اٿندو هان.

ونئڻ عنايت تنهنجي ڪڙمين جا چوندي،
جهونجهارن جو سورهيہ سندرو، ائندو هان.

تاريخن ڪي ننگو رکڻو ناهي يار،
قومي غيرت، قومي جذبو، ائندو هان.

قسمت، قدرت جو ڪو ايڏو ناهي قصور،
پنهنجي هٿ سان پنهنجو ڦندو، ائندو هان.

موت، حياتي بڻجي، دوزخ جنت ٿئي،
هائي بخاري اهڙو سپنو، ائندو هان.

○

مون پنّيو رات سجي، شهر سجو کونہ سُتو.
تون جو ويجهو مونکي رڳ رڳ کان رڳو تو نہ ٻُڌو.

عشق جي حق ۾ رقيبن جو طريقو نہ پُڇو،
جيترو شوق لُڌو ايترو ڪردار ڪُڌو.

گفتگو دل تي سڄي رات بنهي پئي پيتي،
تو ڏنو کند ڪُٺي کانہ، نہ کو کير کُٺو.

دل ڇيو عيد نہ تي، کين پرين جو پرتو،
مون ڇيو ساھ تُٺي تو جو سندس روح رُٺو.

تو هنيان تير چتائي نہ، لنوائي ترڇا،
تنهنجي نظرن جو ڪرشمو جو گُتو بہ ڪُتو.

جي نہ اٿندو تہ اچي ڪعبو يا قبلو نہ اٿو،
جي اٿو تا تہ تي تاريخ جو طوفان اٿو!

يا تہ گهر قبر تي پوندا يا تي محشر اٿندا،
ڏؤر در در کي هٽي ڏون ۾ تورو تڏو.

اڄ جي تاريخ ۾ استاد جو فرياد لکو:
ڏوڙ تي رات آ، پريات مهل، ڏينهن ڪٿو.

عشقباز آهي بخاري اهو ڪاٿي ايريو؟
يا تہ معشوق يا مشتاق، پتو ڪنهن تہ پڇو.

○

بستيون شديد برف ۾ ٽنيجي، ٺري ويون.
سوچون اسان جون سِيءَ ۾ سِگريون ٻري ويون.

منصور سئ جلوس ۾ حملو ڪري هليا،
ٽَڙڪا پيا ٽِياس ۾، سُوريون ڏري ويون.

هي عشق اسم اعظم آ اهڙو، ٽَڏي، ڀَڏي،
آڏو پهاڙ آفتون آيون، ٽري ويون.

آيون ٻڏي بهشت، جهنم ڏسي، هٽيون،
"حورون" وڏيڪ آڳ لڳائي، وري ويون.

ڪڪريون حَسين چلڪنا تارا ڳهڻ لڳيون،
ڦولهار ڇڻ تہ سرنهن جي، ٻڪريون چري ويون.

هي ڪائنات آهي ڪوناري، هَري هَري،
سورج هٿان رَجهي رجهي صديون ڳري ويون.

استاد ذات تنهنجي اچي دستگير ٿي،
مايوس آسپاس جون ٻيڙيون تري ويون.

⬠

○

دل جي ڪاروبار جو هڪ قاعدو آهي.
ڪيترو نقصان ٿئي تہ بہ فائدو آهي.

عشق گهاٽي ۾ يا ڦاسي گهاٽ تي گرجيو،
موت جي منهن ۾ مگر ماناٺتو آهي.

جي مران، جيئان، مران، جيئان سوين ڀيرا،
هر دفعي توسان وفا، هي واعدو آهي.

رعب جي گهر ۾ گهٽو پر کهڙي ڪم جو آ،
قرب سچي جو ڪٽو ڪارائتو آهي.

سونهن تي سچ تي ۽ سنڌ تي او امر شاعر،
شعر تو جيڪو لکيو شانائتو آهي.

تجلو ٿيو تارو ڪڙيو، تارو ڪريو، بس-
زندگي ۽ موت اهڙو حادثو آهي.

سنڌ ڌرتيءَ سان ۽ سرتيءَ سان بخاريءَ جو،
ڪجهہ بلالي، ڪجهہ لطيفي رابطو آهي.

⬠

○

جي سمو ساگر تہ تون اوتر تکو.
وقت واري وهکري کان تر تکو.

کرٽي کان پاڇو پڇي کيڏي پڇي،
ٽِير کان پرمار جو کو پر تکو؟

گهگهہ ڏي اونداهہ گهليندو وڃي،
گور کان ٻاهر تہ گوهر ٻر تکو.

تنهنجي سعيي، سوچ کان ڪجهہ اڳيرو،
تي سگهي تو پونءِ آڇي ير تکو.

مان مٽي، پائيءَ جو پتلو پر هوا،
مونکان ناهي ٻر تکو کو جر تکو.

راهہ ۾ ڪٿ بزم آ ڪٿ رزم آ،
بينسري سان گڏ ڪٺو خنجر تکو.

بحث هو استاد، ڏيک ۽ ذات جو،
بت ۾ پربت، جوت ۾ جوهر تکو.

ڀِيڙبو پيار، ڪجھہ ٻڌائي ٿو.
ڀاتڙو ٻار، ڪجھہ ٻڌائي ٿو.

چــو پکيئڙا ٽِڪا اڏيا ٿا وڃو!
ڪاٺبو ڏار، ڪجھہ ٻڌائي ٿو.

ٿورو خاموش، ھانءَ جون باھيون!
ھانءَ جو ٺار، ڪجھہ ٻڌائي ٿو.

جو ٿا ٻوڙيا ڀلا ھي ٻُڙٻُڙ ڪن،
ھي ڪنڌو- ٽار، ڪجھہ ٻڌائي ٿو.

مونکي الھام ڪونہ ٿو ٿئي پر،
يارَ جو ڀار، ڪجھہ ٻڌائي ٿو.

پيو تہ ناھي گواھہ، نيٽن تي،
ننڊ جو بار، ڪجھہ ٻڌائي ٿو.

تون تہ استاد ڪان الي ٿو وڃين،
تنھنجو سينگار، ڪجھہ ٻڌائي ٿو.

ڪيل ٿي ختم ويو بخاري تہ ٻہ،
تنھنجو ڪردار، ڪجھہ ٻڌائي ٿو.

○

دل ڇيو، ڪائنات تي لڪجي،
ڪنهن ڪويءَ جي ذات تي لڪجي.

منهن اڳيان محبوب، مُرڪ تي لِڪ،
پيٽ ۾ ڪِرڪات، آت تي لڪجي.

هجر جي رات تي لڪيو واندن،
هاڻ دهشتڪار رات تي لڪجي.

ڪوڪ ڪوئل جي، مهڪ انبن جي،
جهات پائين تہ جهات تي لڪجي!

ڏيان مشغول يار جي ڏن ۾،
وقت ڪونهي جو "واهيات" تي لڪجي.

ڳائبو ممات ڪان پوءِ بي،
گيت استاد پيو حيات تي لڪجي.

سونهن تنهنجي سنگيت جهڙي آ.
گفتگو، لوڪ گيت جهڙي آ.

تنهنجي گهر جي پٽ تي هٿ رکيم، پَٽ ڪرا
جو تہ مون لئہ مسيت جهڙي آ.

پيڙ تي پيڙ، جاري جيوت ۾،
پو بہ پياري پريت جهڙي آ.

عشق ۾ شرم، عيب آهي پر،
ڪا حماقت ڪريت جهڙي آ.

اوت، استاد، تنهنجي امرت جو،
جوت تر جي اجيت جهڙي آ.

○

نظر مان شوق جي خوشبو اٿي، سُنگهي ڇڏيو!
هي عشق روشني ٻنبو، اِهو ٻُڏي ڇڏيو!

جڏهن جڏهن بہ اُٿان ٿو تہ ڪجهہ لڇو ٿا ڇو؟
اهو اوهان بہ ڪڏهن پاڻ کان پُڇي ڇڏيو.

مان لوهہ هوس مگر ڪوبہ هِٽ نہ هو پارس،
ڀري بزار ۾ هر شخص مون ڇُهي ڇڏيو.

هُيس هميشه اڪيلو، مگر مَتل هيو ميلو،
مِليو هجوم غمن جو جِتي خوشي ڇڏيو.

سمونڊ، ٻوُنءِ جي ٻِٽ ٻٽ مٿان وَسيو هوندو،
تہ مون بہ يار جي ڇاتيءَ تي هو رُئي ڇڏيو.

هوا رَٺو ڪٽي، رومال اُس ڪٽي آئي،
مگر مون پاڻ رُنو پاڻ ٿي اگهي ڇڏيو.

ثبوت زندگي جو ڏيو، وڏيو پيو پرجي،
ضرور ناهي تہ ڳايو، نچو، لُڇي ڇڏيو!

غرور ذات تي ڪونهيم، ذاتِ تي پَرُ ٿم،
ڪلامُ منهنجو ڪُهي جي سگهو، ڪُهي ڇڏيو.

ڪتاب ڪير ٿو کولي، ڪلام گونجي پيو،
پڙهي سگهو نہ بخاري تہ ڪجھ ٻُڌي ڇڏيو.

⬠

○

مون کي سُڌ آ منهنجو اندر ڪندر آ.
توکي ڪنهن تڙپايو مون ڏي هر هر آ.

تون آيو آن منهنجا شعلا تيز ڪرڻ،
منهنجي آڳ اجهامي وئي ڪالهوڪر آ.

عشق- اجي ڪي اوتي هڪڙي سُرڪي ڏين ٿو،
مان تر آهيان مونکي گهربو ساگر آ.

ننهن تي منهنجو نينهن نچي ويو اولوڪو،
جوين هن جو بوقلمون جادوگر آ.

ميندي رتڙن هٿڙن ڪي هٿ لاتو مون،
هي مون ايڏو ڏوهہ ڪيو ڇڻ ڏونگر آ.

چنڊ ڏسين ٿو هيٺ چڪور تہ چنبڙين ٿو،
پنهنجون اکيون پوري ڇڏ تون بهتر آ.

تون چو ايڏو منهنجي ويجهو وهندو آن،
باهہ ڪپهہ کي ڇهندي، ٽيندي ازگر آ.

سونهن ڪيو آ، ايڏو جادو دل توتي،
جوبہ ڏسين ٿي سهڻو، چئين ٿي دلبر آ.

پاڳل ٿي استاد پڇي پيو دلبر جو،
هي خوشخبري ڪر وارن جي گهر گهر آ.

○

توڙي جو اِنهي نينهن ۾ نافت آهي،
ڪيڏي نہ نيئن تانگهہ ۾ طاقت آهي!

هِن عشق جي هر نقش تان صدقي صدقي!
هر زخم ضميرن جي علامت آهي.

جي پيار ملي عُمر، خِضر ڪان ڪسجي،
ري نينهن تہ آڌ ڏينهن بہ آفت آهي.

هڪ حُور چوي پهچ، فرشتو روڪي،
مون لاءِ تہ ڇڻ روز قيامت آهي.

اڄ شام بهرحال شَفق چُمٽِي آ،
اڄ شام چون ٿا تہ ڪا شامت آهي.

جي ڏوهہ ڪيا هَمِ تہ ڪريان ها دِل تي،
جذبات جي غفلت تي ندامت آهي.

ڪئي ڪاڪ محل، خاڪ خزانا ٿي ويا،
هڪ حسن ٻيو عشق سلامت آهي.

استاد بخاري بہ اُڌارو نِڪتو،
هي شعر بہ او دوست، امانت آهي!

⬠

○

آ، سهڻو موت سُنو، ڪنهن ڪوجهي جيوَن ڪان.
هڪ زندهہ گيت پلو، سوَ مُئلن بيتن ڪان.

دل عشق اجهل چونديو، سوداءِ چڏي سارا،
هڪ سورهيہ يار ڀلو، سوَ ٻڄڻن سڄڻن ڪان.

او عشق نہ ڇچ مونکان او سونهن نہ ڇڏ پاسو!
نہ تہ مان تہ ٻجان ٿو پيو هِن هانوَ جي ڌڪن ڪان.

هالار هجي ڏرندو، مهراڻ لڇي مرندو،
جي خوف ڪسي ولندو دل ديس جي دودن ڪان.

نانگن ڪان ڏنگيو هوندو، چيتن ڪان چڪيو هوندو!
پر ماڻهو بيمانو ٿيو ماڻهن ڏاڍن ڪان.

گُلَ پوڪينديون، چنديون انسان جون آڱريون،
هي سهَج، ستم ٿيندا ڪوڪن ڪان نہ ڪندبن ڪان.

طوفان ٽِڪو بنجي جهرجهنگ جهنجهوڙيو ٿم،
ٿي هير ڪنيم خوشبو ڀيج گل گل پَن پن کان.

ڪا ڪُوڪ؛ ڏکيا ڪنگرا، ڪا دانهن؛ ڳليون جاڳيون،
ڪي گيت ڳجي گذريا محلات ڪان مَنَهَن ڪان.

مجنون جو بريت ڪان، فرهاد جو ٽَڪرن ڪان،
استاد جو جُهد پڇو هن ٻُونءِ جي ٻُونگن ڪان.

⬠

ڪنهن حسن بي قياس کي ڪُهندو ڏِٺو اٿم،
ڪنهن حسن بي گناه کي ڪسندو ڏٺو اٿم.

ماڻهو سٺئي سمونڊ تري تو سگهي مگر،
پنهنجي پگهر ۾ پاڻ ئي ٻڏندو ڏٺو اٿم.

نٿين ڳالهہ ناهي پيار ۾ پڄري جي پيرسن،
بعضي يُتي بہ ياڻ کي دڪندو ڏٺو اٿم.

نر، ماد تان نثار، پتنگ ۽ پکي تہ ڇا،
آڪاس کي زمين تي جهڪندو ڏٺو اٿم.

ڪا باک سرخ خون جي مينڌي مکي، ٻکي،
ڪو سج، صبح - سيج تي لڄندو ڏٺو اٿم.

پنجئي حواس پوبہ نہ هنکي ڇهي سگهيا،
ڪنهن وقت تي ڇهين کي تہ ڇُهندو ڏٺو اٿم.

محبت جو معجزو يا ڪرامت شباب جي،
استاد، عشق- آگ ۾ گهمندو ڏٺو اٿم.

هو ڌُنڌ تي مسوار هو. انڌو هو.
هر ڏَؤر کان هي دور گهٽو گندو هو!

اوڌرِ تي وَتئين جوت، ڏَيائين تارا،
هي چنڊُ نہ هو اُپ جو غنڊو هو.

اخبار – خبر، گندي کان گندي، پڙهندي،
هُن پوءِ بہ چيو شهر جو ڌنڌو هو.

"تسڪين ۽ آرام" اسان جي تر ۾،
سهراب نگر کان بہ تہ سستو هو.

هُن مونکي چيو: تون تہ ڪو گونگو آن،
مون هن کي ٻڌايو تہ هو ٻوڙو هو.

تقرير هلي منهنجي تي منڊڪائي،
احساس جي ڪاپار ۾ ڪنڊو هو.

اغيار جي ڏک – ڏوڙ، ڏڏڙ يارن جي،
دل منهنجي ڌتي شهر جو رستو هو.

ڪو نان؛ غلاميءَ کان ندورو ڪونهي،
چٻبو تہ بخاري بہ ڪو چنڊو هو.

مان ٿي اٿليو ويس تو ڪنارو ڏنو.
ڇا تو سوڙهو ڪيو يا سهارو ڏنو؟

مون جو فوٽو منگيو، تو چيو، هل هلون،
شوق شعبو گهريو تو ادارو ڏنو.

پيٽ سِڪ جو بخاري بڪارو هيو،
جُوہ هر هر تي تو ڏانهن جهارو ڏنو.

ياد ڪر پُور جوين ۾ سينگار جي،
"پيار ڪر"، تو هو مونکي اشارو ڏنو.

بزم ڪمزور دل، سونهن نازڪ طبع،
عشق آواز ڏاڍو سگهارو ڏنو.

روح منهنجي کي گهربو نئون رنگ هو،
ڪنهن ٿي ڳاڙهو ڏنو ڪنهن ٿي ڪارو ڏنو.

هڪڙو آڙاھ هائي اجهامڻ تي هو،
تيل جو تو اچي ٻيو ڦهارو ڏنو.

زندگي جي طوالت جو تت ايترو،
يا تہ جهاتي وڏي يا تہ جهارو ڏنو.

ديد، دل سان ڪني ديس، دنيا جئي،
نينهن منهنجي هميشه هي نعرو ڏنو.

مان تہ مرسيءَ سان مخمور، مسرور ٿيس،
جام، ساقي هو ڏاڍو ڪسارو ڏنو.

منهنجي سورهيہ ارادن ڪيو سوجهرو،
هُرڪرن هرقدم تي اندارو ڏنو.

يونءِ يونچال هئي، آسمان ڏورُ هو،
پيار استاد پئي تي پنارو ڏنو.

○

اندر ڏٺي اوچنگارون رڻان،
مگر ٿڪ تنهنجا ٿو ڀڪي ٻڏان.

خوشي، شادمانيءَ مان لوڏي ڪڍيو آ،
جي ماتم نہ ڪوئي تہ ڪاڏي وڃان!

وڃن هوش پيا جوش ۾ جهانجهہ ٿي،
نہ تون ڪجهہ ڪجين ٿو نہ مان ٿو پڇان.

گنهگار مونکي ڪيئي يار زوري،
خطا مون هٽان ٿي بچي ٿو مٽان.

ڪنيون پير منهنجو هو ڪرُ ٿو وٺي،
گهڙي ڪن تہ تنهنجي اڳڻ ٿي هجان.

جتي تنهنجي يادن جا ميڙا متا،
اتي يٽڪندو ٿو اڪيلو وٽان.

جي بينو تہ اوتار، پٽر تي پيو،
جي ٻوڙيو تہ تڪڙو هو طوفان ڪان.

جي آهي تہ هوندُم جي ناهي تہ تم،
ميان ٻيو خدا ڪي اچا ڪيئن مجان!

انهي عشق امڪان اهڙا ڏنا،
بخاري مري پوبہ جي تو سگهان.

○

هٿي نگاھہ، چپائين تہ ڪانُ ھو يا نہ؟
چپم تہ جنهن بہ پچايو، جوان ھو يا نہ؟

هزار داستان چهرو، ڪئي قصا آنسوُ،
زبان بند هئي پر بيان ھو يا نہ؟

اتاھہ مينهن انو پئي اجهاڳ آڳ ٻري،
اھو جنون نئين جو نشان ھو يا نہ؟

سوار دار تي منصور، تيغ تي سرمد،
عظيم عزم لڌو مان شان ھو يا نہ؟

الائي ڪير ھو ڪارو تہ ڪير هئي ڪاري؟
ٻنهي جو خون ٿيو ھو، زبان ھو يا نہ؟

هي منهنجي شاعري، لُڙ ۾ لڙهي ٻچي سسئي،
ڳچي ڏسوس، تَنهَنِ جو نشان ھو يا نہ؟

اسان پئي لطف وتو رنگ، بوءِ، گلشن جو،
اوهان پئي بحث ڪيو، باغبان هو يا نہ؟

تڪي ڏسو تہ تضاد ئي تضاد دنيا آ،
يقين لفظ جي دل ۾ گمان هو يا نہ؟

هيو هميشه هي استاد آئينو تنهنجو،
الائي تُنهنجو انهيءَ ڏي ڌيان هو يا نہ؟

مِلي جي صاحب- معراج، مان پڇان ان ڪان،
جو ميزبان هو سو لامڪان هو يا نہ؟

ڪٿي خيال بخاريءَ ڪي اهڙو ڦيرايو،
زمين مون نہ ڏٺي، آسمان هو يا نہ؟

○

جڏهن بہ مونکي زماني ڌِڪي ڇَڏيو هوندو.
تڏهن جهان نئون مون اُتِي اڏيو هوندو.

ڪکر نہ سمنڊ نہ ڌرتي مگر ٻنهي سان گڏ،
ائين خيال اُڏائو ڪڏهن پڌيو هوندو.

زمين اداس، زمانو اباڻڪو آهي،
ضرور ڪونہ ڪو شاعر وڏو لڏيو هوندو.

بدن بهشت، نظر نُور، قد قيامت جو،
اهو شباب ڪڏهن خواب ۾ گڏيو هوندو.

ڊِنو بهشت، فرشتا ڊُڪيا، خدا ڏمريو،
جوان مرد، جوان زال سان گڏيو هوندو.

اُتن اجا بہ پڙاڏي منجهان پڙاڏا پيا،
ڪري پُڪار بُخاري يڪو سڏيو هوندو.

⬠

○

ڪيئن بہ ڪري پر آوازن ڪي جاڳايو.
مائهن سان نہ تہ ڳلين سان ئي ڳالهايو.

خاموشيءَ جي مُهر لڳي چو محفل ڪي،
نغما، ناهِن نوحائي پر ڳارايو.

صبر متان تي سڪتو پئي ۽ سڪتو موت،
ڪنهن بہ طريقي ساتي تن ڪي تڙپايو!

تحريڪون نہ تہ تدبيرون نہ تہ تجويزون،
ڪجھ تہ بڪارين تاريخن ڪي ڪارايو!

نڪري پونديون اندران تنگيون معنائون،
چو تا منهنجي لفظن جي ڪَلَ لهرايو؟

شعلا شعلا شعر وَتي ٿو ورچيندو،
اوندھہ آ استاد بخاري آئايو.

⬠

○

بيت مون جو بہ پڙهيو، ڳوٺ جو ڀُونگو هوندو!
ڏيان جنهن ڪونہ ڏِنو، سيٺ جو ڪوئو هوندو!

شعر ڪنهن تِير تي چيتي ڪي چُنيو دوڏن ۾،
شعر ڪنهن باغ ۾ پوپَٽ وجي پڪڙيو هوندو.

سمنڊ ڇڊڙو هو سو هر هير تي ڇُلڪي اٿليو،
ڪوهہ ڳهاٽو بہ تہ ڪنهن چوٽ تي تڙپيو هوندو!

ڇا ڪجي ڳهُرج ۾ سنسار جو گولو آهي،
تنهنجي انعام ۾ فردوس جو تحفو هوندو!

تون ڳهُرين آءُ ڳهران، ناںءُ ڪٽي نينهن رکونس،
سوچَ ڳهَرِي جي ڪريون تا تہ هي سودو هوندو.

هر نئين ڏينهن نئون رنگ سندس فطرت آ،
وقت وانگي تہ بخاري بہ تيو پوڙهو هوندو!

توتہ استادَ صفا سايان سمجهو جيِوَن،
او ڇريا، ڪنهن ڪيو توسان اهو چرچو هوندو!

⬠

○

هيترو ڪڏهن نہ هُس بُڏتر ۾ مان.
صبح ساگر ۾ ۽ سانجهي تر ۾ مان.

پيڙ صحرا ۾، سَرهَ ۾ سُرهي هِير،
شعر ڪو سنسار جي دفتر ۾ مان.

تو گهٽو روڪيو اِتان اڳتي نہ وڌ!
پر وڌيو اڳتي اچان ويسر ۾ مان.

غار مان گِسڪيس تہ چمڪيس چنڊ تي،
ايترو اينگهي ويس اوسر ۾ مان.

هر هتوڙي سان تہ هوندس مان هميشه،
پر غرض ۾ جَذب ۾ جوهر ۾ مان.

ديد شاعر قوم جي، دل ديس جي،
مُلڪ سَڪتي ۾ اگر گيسر ۾ مان.

”مان“ چڱي ناهي بخاري، پر يلي،
جي تونگر تي اُتي نوڪر ۾ ”مان.“

⬠

○

گيت منهنجو رنيي ڏِڳي وانگي.
ڳوٺ ڇٽي لفظ ڏي ڳيي وانگي.

چو نہ هر شعر لِير تي لکجي،
لوڪ پائي سِبي لٽي وانگي.

يونء تي بسترو وڏو ياسي،
ڏيهہ، اي ڪي ڏسي اجهي وانگي.

تنهنجا طعنا ها تيل جا چندا،
طبع منهنجي تٽي تتي وانگي.

عشق منهنجو چوي پوان وچ تي،
ڳالهہ دل جي ڪريان ڳڙي وانگي.

دم بدم دَور، ديد، دل نشين نشين،
ڪوبہ انگل نہ ڪر اڳي وانگي.

ديس قيدي، وديس پيچي تو،
روز امداد پر يَتي وانگي.

دور سوري تو بابڙو- بارڻ،
ديس اُبري تو ديگڙي وانگي.

تاءِ، ڏينهن جي ٽاڪ منجهند جان،
سانت، راتين جي ٻِي وڳي وانگي.

پيار مون وٽ بہ آ بخاري پر،
سوبہ توکي ڪپي سِڪي وانگي.

○

چيلا لُچن چُڙهڻ لئہ، ڪولي چڏيون يا واڙيون؟
ٻوڙها ڪرڙهن اکيُن ۾، ٻيتي وجون يا ٻاڙيون؟

سامهون سجڻ سهائو، ڪوليو رباب ٻايو!
آڏو اچي انڌارو، ٻوليو اُلا، اماڙيون!

گهر، گهات راتِ پاٿون گهيرڻ لڳيون تہ جَر، تر،
جاڳي پيا اُجالا، ڪرڻن ڪنيون ڪُهاڙيون.

هي کهڙي ڪُنڊ ڪان تي آيون، سَکيون سجائو!
ڪيهون بنهہ بکاريون، آهون صفا اگهاڙيون.

وِک وِک تي نانگ شوُڪن، گهٽ گهٽ تي وات پٿونکن،
لوهن پين، ڪڙين سان لوڪو هلو لتاڙيون!

پريات جهات پاتِي، تارا لِڪا ڦِکا تي،
سامهون ڏسي سجن کي ڪوڙا ڪنهن ڪياڙيون.

هِت فرش ڪان پڇو مون، هُت عرض ڪان پڇو مون،
ڪِٿ سونهن جون اڳياڙيون؟ ڪٿ پيار جون پڇاڙيون؟

استاد جون صدائون گونجن لکن ڪَنن ۾،
هونديءَ هزار ڦاڙيون، هونديءَ هزار ساڙيون.

⬠

○

جگر ۾ جهرڪ، ڪانگ ڏارياسين،
عقاب وات سان اڏارياسين.

اچو تہ يوُنءِ جو سُٺون ڍُڪو!
گهٽائي آسمانَ ڏارياسين.

سوين صليب تي سَتي جيئرا،
مُٺا مقام مان اٿارياسين.

ڏِسو ڪو تِرورو اُتيو يا نہ؟
شعور، شوق، ٻول ٻارياسين.

پلاند عشق، حسن ڪان وٺندو،
ميون ڪيئن تہ پاڻ مارياسين.

فريب تي فريب او بابا،
الائي ڪيترا اڪارياسين.

سدا حيات زندگي سچ جي،
گهٽائي زهر ڪيس پياريا سين.

غرور ٻات جو ٽُٽي ئي نہ ٿو،
هزار سوجهرا اياريا سين.

وجود وهم جو ڳري تہ ميون،
پهاڙ ڪوڙ پئي پگهاريا سين.

”تباهہ عشق ۾ بخاري ٿيين“
”جناب، عشق ئي اُجاريا سين“ .

○

ڪي سِڄ سهڪي ساگر وانگر.
ٻو پيو ڏسبس تر، ٻر وانگر.

يارن ٻاريون مينڌ بتيءَ جان.
ڏارين ڏاريو ڏونگر وانگر.

ڪي ڪي وارَ ڪَڪَرَ جون چاڻون،
ڪي ڪي ڄڻ ڪاريهر وانگر.

واٽُن وانگر توڏي تاثير،
اُيري، اُلري در در وانگر.

صورت جو تون ساگر، تو ۾،
گهُور ٽٻايہ گهاگهر وانگر.

ساندهہ رهہ سقراط بخاري،
ڪنهن ڪنهن وقت قلندر وانگر.

⬠

سونهن ۽ سور جي سنگت ڪهڙي؟
مور ۽ نانگ جي محبت ڪهڙي.

اک ۾ ڪوڪا، ڪُڪَ ۾ ڪاتي،
دل تي پٿر، فرحت ڪهڙي!

ساگر تڙپيو، صحرا پڙڪيو،
هڙني سان تي حالت ڪهڙي!

هُن کي آڪيم ڪجهہ غيرت ڪر،
گِرندي، پئونڪيو، غيرت ڪهڙي!

ات ات غفلت مان اوٻ ٿوٽي،
شاعر ٺوڪئي بي لت ڪهڙي!

خادم آ، استاد وطن جو،
ان ڪان وڌ بي عظمت ڪهڙي.

○

روح ۽ رَت جو ريچڪ سمجهو.
چوريءَ دل جو ڇيڇڪ سمجهو.

ڪير ڪنيار آ، ڪير آ، ڪوري؟
جڳ کي چرخو يا چڪ سمجهو.

ڪوندي، ڪاتر ڪان بيزاري،
آجو ڪاڄي جو اڪ سمجهو.

شاهہ دماغ تہ سچل دل آ،
سامي ساهت جو نڪ سمجهو.

ساري تر جو سيواداري؟[1]
بندو رب جو بيشڪ سمجهو.

آزادي استاد تنواريان،
لاشڪ زنده ليڪ سمجهو.

⬠

(۱) سيوڌاري = خدمت گار

نئين نگاهہ ڪٿائي ڇڏيو اگر ڪٽجي!
اميد، آس وڃائي ڇڏيو اگر وڃجي!

عظيم عزم: جوان جهد: هاڙهہ جو اوتر،
هلايو زور هٽائي ڇڏيو اگر هٽجي!

سوير صبح جو ٿيندو تہ سڀ ڏسي وٺبو،
يڪي ٿي رات بنائي ڇڏيو اگر بنجي!

ذرو ضمير جو هوندو ضرور حق چوندو،
وڄا، وويڪ وڃائي ڇڏيو اگر وڃجي!

وڏيو وڏيو تو زمانو نئون اچي زوري،
اهو بہ چوندہ جهلائي ڇڏيو اگر جهلجي!

جاني توبن جيوت کھڙي!
قادر ڏاران قدرت کھڙي!

جيئري ڏمچر، مرندي محشر،
پيار ڪرڻ لئہ فرصت کھڙي؟

آس نہ ڳوڙھن منجھ ٻڏڻ ڏي،
جر ۾ جڙندي تربت کھڙي؟

ھڪ ڪم تيندو بيو ڪم ايندو،
ڪوشش جي ٻي قسمت کھڙي!

يا نہ چمان ھا يا نہ مران ھا،
ھِن کان وڏي ٻي حسرت کھڙي.

عشق ڪيئہ ڪلتار بخاري،
تو ۾ آ نہ تہ طاقت کھڙي!

حملو شديد عشق ڪيو، اوچتو نہ هو،
پر دل کي توڙي ديد کي پورو پتو نہ هو.

تو اشتياق منهنجو هميشه بڪيو رکيو،
جن پير ڪنهن کي قيد ۾ ملندو پتو نہ هو.

ڳل حسن جو هو، نرڙ هو هن جو، چهان نہ ڪيئن،
گل ڪونہ هو ڪنول جو، ٻپر جو پتو نہ هو.

آيو نہ سخت تڙپندو، ڪوڪون ڪندو، ڏٺو،
ڪيئن ٿا چئو نہ آدمي توڙئون تتو نہ هو!

ڪو دور پنهنجي ٿند ۾ ٿاسي نہ تو سگهي،
درياهہ پنهنجي ڪُنب جي گپ ۾ گتو نہ هو.

محشر جي پيڙ پيڙ مان گذريس، سڄڻ پڇيو،
مُرڪي چيم نہ هيل هي ميلو متو نہ هو.

شهباز جي اڏام پنيان دام ڇا پوي،
آواز منهنجو واءِ وڪوڙي وتو نہ هو.

تي تو سگهي پتر کي ترازي ۾ تورجن،
بازر ۾ ڪيرٿر نہ بخاري ڪتو نہ هو.

○

پيار چاهي، لذيذ خوشبو آ.
خار چاهي، غليظ بدبو آ.

پيار سان زهر ڏين تہ بہ پي ويندم،
خار سان کير ڏين تہ تُوتُو آ.

روشني چنڊ جي ڏيئو سمجهون،
ريشمي آسمان تنبو آ.

سات ڀرپور ڏي حياتي تون،
موت مشهور آ تہ مَسَهُو آ.

چوطرف پونءِ جي چکر کاٽي،
قرب ۾ ماهتاب قابو آ.

آءٌ موسيٰ نہ سامري يارو،
شاعري معجزو آ، جادو آ.

ديد استاد جي سجي دنيا،
ساهہ آ سنڌ، هانءُ دادو آ.

⬠

○

هڪ شخص هڪڙي شهر ۾ دانهون گهٽيون ڪيون،
بي درد لوڪ بند ڪٽي در، دريون ڪيون،

بازار ۾ انهن جا لڳي اشتهار ويا،
ڳالهيون جي تو نہ مون سان نہ ڪي توسان مون ڪيون،

تنهنجون اکيون ڪڪوريون، منهنجون ٻنيون ٻنيون،
گونگين گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ سموريون سچيون ڪيون،

هِت ڪَن اٿئي ڀتين کي ۽ جاسوس ٿئي هوا،
هل چنڊ تي چڙهي تہ ڪي ڳالهيون ڳُجهون ڪيون،

پر تو تہ ڪونہ، دوستو، پرچي پوي بہ مَن،
پئي گيت گيت يار کي منٿون يڪيون ڪيون،

هڪ گل قطار ينٿر تہ هڪ ينٿر گنج گل،
هِن باغ جي بهار جون کهڙيون ڪچيون ڪيون،

ٻوٽي اکيون نہ پيار جو استاد پيچو ڪر،
ڪيئي وتن ٿا قرب جون ڪاتيون تکيون ڪيون،

⬠

○

ڪڏهن تہ سونهن جي مُنهن تان نقاب آهستي آهستي.
اچي ٿو عشق جي گهرِ انقلاب آهستي آهستي.

ڏيڻ وارو شباب آهي، ملڻ وارو شراب آهي،
هِتي جو ڪجهہ بہ ملندو آ جناب آهستي آهستي.

مٿو قاڙي وڌو فرهاد ڇو تا چئو تہ هڪ ڏڪ ۾،
انهي ڪم ڪار ۾ ٿيو ڪامياب آهستي آهستي.

زمانو ڏاڍو سادو هو ۽ سهڻو هو، سدورو هو،
خدا ڄاڻي تہ ڪيئن ٿي ويو خراب آهستي آهستي.

غريبي پنهنجي گيرب ۾ اٿين ڏيري هلي ٿي پئي،
جٿين ديري تي هلندو آ نواب آهستي آهستي.

تاري تاري جي گلي تي وهائي وقت ٿو ڪاٽي،
کهائي رات پيو ٿو آفتاب آهستي آهستي.

اٿڻ سان زندگي مونکان پڇيو ٿو جو سوال آهي،
جيان ٿو پيو ڏيان ٿو پيو جواب آهستي آهستي.

ملاقاتون ۽ راتيون ڏيري ڏيري جهومنديون آهن،
رڳون استاد جون بنبيون رباب آهستي آهستي.

⬠

عشق جو حُڪم مجي حُسن سنواريو هوندم!
جوش جي جرڪ ڏئي هوش اجاريو هوندم!

قافلو حال سندو ڪالهہ قطاريو هوندم،
وقت ويران، بيابان گذاريو هوندم.

جو بہ جبّار يا مجبور سو نِڪتو ماڻهو،
پوءِ انسان ئي انسان پڪاريو هوندم.

ڪي نوان گيت، نوان چيٽ ڦُٽي پيا هوندا،
پاڻ ڪي پيار ڪري يار پساريو هوندم.

ميڙ جو مُنڍ نہ معلوم، پَڇاڙي ڪهڙي؟
هاءِ حيران، پريشان پَڌاريو هوندم. (١)

جيترو مُند ٻَجي ماٺ، رُني مُنڌ ۽ مَٽي،
تيترو گيت، غزل، بيت تنواريو هوندم.

آڻ گهڙيو ڪاڻ اڳي هوس، ادب ري استاد،
ڪنهن مِٺي قرب سچي ساٿ سڌاريو هوندم.

(١) پڌارڻ: اچڻ ۽ وڃڻ ٻنهي معنائن ۾ استعمال ٿئي ٿو.

منهنجي هٿ ۾ قسمت آهي.
جو تہ هٿن ۾ همت آهي.

توں وهمي آن، مان فهمي هان،
پنهنجي پنهنجي فطرت آهي.

اي مُقام نجومين جو آ،
تارو تربت آهي.

مونکي مقدر ميرائي ٿو؟
پو تہ يزيد تي رحمت آهي.

افضل ذڪر آ، لاالِہ الاالله،
ڪجھہ بہ نہ آهي قدرت آهي.

دوزخ ۾ ڪهرام مچي ويا،
ڪاٿي رب جي رحمت آهي؟

"هوڏِيءَ" ڪي ڇڏ، باقي مون سان،
صوفي هرڪو سهمت آهي.

بي سُڌ تارن کي سُڌ ڪهڙي،
جا استاد جي عزّت آهي!

○

مونکي عشق پڄايو عرشن تي.
ڇَپَ چنڊ مٿان، هٿ ڪڪرن تي.

ايئن جِيوَن جهومي لمحن تي–
جيئن خوشبو واء جي جهوٽڪن تي.

جذبات اُٿيا ايئن نخرن تي،
جڻ چور وڙهي پيا ٻخرن تي.

هٿ منهنجا هٻڇي، مڇري پيا،
جڻ لنگهٽو پهتو ڳدرن تي.

ڪو اوتر کي روڪي ٻہ نہ ٿو،
پَر ڦَهرو آهي پَن پن تي.

ٿي پَن چڻ جي رُت رقص ڪري،
ٻُڌ ڄم ڄم راهُن، رستن تي.

اندر کي ڍڪيان ٿو شعرن سان،
اوٽر ٿو وڇايان سمنڊن تي.

ڪنهن ليليٰ تي ڪنهن ڪنيي تي،
مون عشق پچايو اکرن تي.

هي بيت بُخاري ٿو وارا،
تا مور ٺهوڪن مَنهنِ تي.

○

ذات پرور، شعر پيغمبر اَمر، ڳوليان تو پيو.
جاتي چاهيان تاتي پهچان اهڙا پَرَ، ڳوليان تو پيو.

دل چوي تي سنڌ ڇا سنسار ڪي تئين سر اڏيان،
شهر گهر آهن سڻاوا بحر بر، ڳوليان تو پيو.

بعضي تو واهڙ ولوڙيان، بعضي ڇاڻيان ريت تو،
سونهن سهڻي جي ۽ ميهر جي نظر، ڳوليان تو پيو.

دل بہ بيحد، درد بيحد، دنيا بيحد دوستو،
مامرو هن عمر جهڙو مختصر، ڳوليان تو پيو.

تون سنجهي آئين، وئين، پر صبح تائين مان يڪو،
چنڊ جهوليءَ ۾ ۽ ٻانهن تي ڪڪر، ڳوليان تو پيو.

مان ڪنيون محبوب ڏي گجرا تي ويس، ڄندو مليو،
هُن ڪي هٿ ۾ ها سروٽا، مان پٽر، ڳوليان تو پيو.

سوچ ۾ ساييان سنجيدو دوستو گفتو اٿم،
موڊ آ محفل جو چرچن تي چٽر، ڳوليان ٿو پيو.

پُٽ ڪلهي تي پوڙهي ڪي، ميلي ۾ پٽ پچندو وتي،
بخت منهنجو، منهنجي هٿ ۾ مگر، ڳوليان ٿو پيو.

ڪاتي ڪاتي ديرو دمٿو عشق ڪُي استاد آ،
دربدر مونکي نہ ڇٿو، دلبر جا در، ڳوليان ٿو پيو.

اتم جيب ۾ جرون جيرا، نہ تو پڙڪان.
اکين ۾ ڪنهنجا آڪيرا، نہ تو پڙڪان.

وٺي هل باهہ مونکي ڏور صحرا ڏي،
هتي هِن دوست جا ديرا، نہ تو پڙڪان.

اکيون ساڙيان، جلايان دل، لهي پئي لُڙ،
اتم پر ڪنهن سان آڏيرا، نہ تو پڙڪان.

ڇيو دل ٻَرُ، هتي ڪاٺي وسهن ڪانهي،
هوا ۾ واسَ واهيرا، نہ تو پڙڪان.

جلايان خار ليڪن يار لڳنديون باغ کي باهيون،
لڪايا ڪٺڪ ڪانديرا، نہ تو پڙڪان.

پَٻن ڪان پنبڻين تائين سِڪي سانديم،
پريۃ جي پيار جا پيرا، نہ تو پڙڪان.

متان سڀ جنتون ٿچڪي جهنم ٿين،
هجو شاهد مٺا، جيرا، نہ تو پڙڪان.

بخاريۃ جو رڳو پاڇو بچيو آهي،
ڇهايو تا گهٽا ڇيرا، نہ تو پڙڪان.

خواب تو واري جي خوشبو، اڃ بہ منهنجي من ۾ آ.
باغ جي هٻڪار هوندي واءَ جي جهلڪن ۾ آ.

آس هڪ ايري تي پٺي پر پوهہ جي سورج جيان،
روشني، سردي وَڏي ڪٺي قيد ڪوهيڙن ۾ آ.

زندگيءَ جي سرخروئي ڪجهہ تہ منهنجي سڪ ۾ آ،
ڪجهہ تہ تنهنجي ريشمي ميندي رتن هٿڙن ۾ آ.

چنڊ جو چمڪو، گلن جي مهڪ، چقمق جي ڪشش،
دلڪشيءَ جو ڪيڏو سهڻو سلسلو سهڻن ۾ آ.

گفتگو ماڪي بہ آ مصري بہ آ ڪشمش بہ آ.
ڪُل مٺائن جو مزو تنهنجي مِٺن گفتن ۾ آ.

تون نہ ساقي، مان نہ ميڪش، بزم ناهي ميڪدو،
شوق جو آ ڪرشمو، ڪيڏو نشو نيڻن ۾ آ.

عشق ڪوڙو، حسن ڪوجهو، تي چڪو هي حادثو،
چونءَ پچونءَ ڳوٺن ۾ آهي، هوشرو شهرن ۾ آ.

جرڪ پنهنجي مرڪ جي استاد جي ڳوڙهن ۾ ڏس،
سج جي ڪرڻن جي رونق ماڪ جي قطرن ۾ آ.

○

روز سينگار جان تو انسن چڻ تہ سهڻو اِجهو تو اچي.
درد دل مان ڪڙا تو ڪيان، چو تہ منهنجو مِٺو تو اچي.

خوبصورت نظارا ڪنيون، ڪهڪشان، چنڊ، تارا ڪنيون،
سونهن جا روپ سارا ڪنيون، ديد جو دادلو تو اچي.

مَهڪندو مهڪندو تو اچين، مُرڪندو مرڪندو تو ملين،
اڄ ميو پيار تو يار ڏين، مونکي ڏاڍو مزو تو اچي.

موت جهڙا مهانڊا ڪنيون، بت، تباهين جا پانڊا ڪنيون،
اڪ، جهنَم جا ٽانڊا ڪنيون، ڪو ڏهاڙي ڏچو تو اچي.

سوچ، اوتر ٿي ٻوڙي ٿي پئي، ديد، منجر ٿي اٿلي ٿي پئي،
دل جي ڌرتي سا لرزي ٿي پئي، ظاهر آ زلزلو تو اچي.

دل فريبي سان دوکو بہ آ، عشق سان گڏ عقيدو بہ آ،
قافلو هي قطاريو سجو، اٽڪلي فلسفو تو اچي.

هي آ جيون جي جادوگري، آرزو جستجو ۾ چري،
ڏس تہ جيئون ٿا هرهر مري، رنگ رت جو رتو تو اچي.

مونکي ڪوٺيو موالي ڀلي، منهنجو ميخانو هن جي ڳلي،
عشق مون وارو اوڏهن وڃين، پڪ ڪري ڪو نشو ٿو اچي.

وقت ڪو زهر جهڙو ڪڙو، وقت ڪو ڪير– ماکي مِٺو،
وقت ڪو بيسوادو، ڦِڪو، وقت ڪو ڪٽمنو ٿو اچي.

ڪير ڪوڙو آ ڪير آ سچو، بحث آهي بخاري ڏگهو،
پاڻ کي ٿو ڪبي ڀروسو، پر ڪٿي ڀروسو ٿو ملي.

هي معجزو آ، تنهنجي ڀرپور دوستيءَ جو.
مضبوط عزم تي ويو، ڪمزور زندگيءَ جو.

طوفان تي اٿان ٿو، رهڙي ڪنوڻ ڪٿان ٿو،
اڄ پهچ عشق سوڌو، سڏ آهي سنگتيءَ جو.

هن دڳ تي آهي مقتل هن در تي شور محشر،
جيڪو ٻنهي مان نڪري هي شهر آ انهيءَ جو.

آڪاس تي ويو ٿامون، تارا ڀتر تتا ها،
اڌرات جي اکين ۾ هو خواب ڌرتتيءَ جو.

هُت رند ڇرڪ ڇوڙن، هِت ٻار پير ٻوڙن،
هو سِير جو حوالو، هي حال آ ڪنڌيءَ جو.

استاد ڪان پڇين تو دل، ديس جو زمانا،
هِت راڄ چيٽ جو آ، پر ڪاڄ آ ڪتيءَ جو.

يار جي بزم ۾ گمنام بہ حيرت جهڙو.
هون سڄي شهر ۾ بدنام بہ حيرت جهڙو.

ٺهڪ ڪوڪن ٿا، لِڪي رقص لڇن چيرن ۾،
مون ڏٺو ملڪ ۾ ماتام بہ حيرت جهڙو.

نہ ڏسي ٿو نہ ٻڌي ٿو نہ ڪُڇي ٿو بيهوش،
آيو بردي کي آ آرام بہ حيرت جهڙو.

زندگي تائين جيڪا جيئڙي اڃامي نہ سگهي،
جي اُڃهي تاس تہ هو جام بہ حيرت جهڙو.

جي شروع ٿي تہ چڙهي چوٽ گهمي اپ آئي،
آ انهيءَ خاڪ جو انجام بہ حيرت جهڙو.

تو زماني جو سڄو حسن سمايان سِٽ ۾،
تو ڏيان عشق کي انعام بہ حيرت جهڙو.

ٿي خدا پاڻ مون ٿي پاڻ ڏي جبريل مڪو،
هو انهي خواب جو الهام بہ حيرت جهڙو.

آءُ مجبور بہ مختار بہ استاد بخاري،
ڏيان آزاد وڏو دام بہ حيرت جهڙو.

○

هوا، صبوح سان اوريو، حوال منهنجو هو،
نئين بهار نکاريو، خيال منهنجو هو.

يگم بهشت جا قانون تنگ تي زوري،
ڪئين بہ قيد مان نڪرڻ ڪمال منهنجو هو.

صليب، توب، سزا مان صدا ڳجي منهنجي،
مسيح، مِير، حسن جو مثال منهنجو هو. (۱)

نمائندو آ: انسان ذات جو آهيان،
مصيبتن ۾ تسلسل بحال منهنجو هو.

هُيم تہ شعر ۾ شرناءِ، پر نہ تي ڇيڙيم،
ملول شهر سڄي جو مِلال منهنجو هو.

پڙهي سگهي نہ نئين سنڌ ترجمي ڏاران،
ڏِسي سگهي نہ سِڌو ڪو جمال منهنجو هو.

"اچي جناب بخاري، نئون غزل ڳائي"
جواب ڪوبہ نہ آيو سوال منهنجو هو.

⬠

(۱) عيسيٰ مسيح، ميرداد، حسن ناصر.

ديد گلابي دلبر تنهنجي، مُرڪ چنبيلي، ماشاءَالله!
نازڪ انگڙا، ريشم ڪپڙا، دل پٿريلي، ماشاءَالله!

طرحين رنگ طبيعت تنهنجي، دنيا وانگر دَور نيارا،
ڪٿ نخريلي، ڪٿ اربيلي، ڪٿ شرميلي، ماشاءَالله!

ڪڏهن اڪيلي مون وٽ منهنجي،هوءِ سَرهائي ناهي آئِي،
اڄ بہ اتس ڪا ڳوڙهي ڳٺتي سان سهيلي، ماشاءَالله!

پيار پڪيڙا جيڙا جيڙا پيار ونديون پيا هيڏان، هوڏان،
تاڙي تي پئي ڪنهن ماريءَ جي، گهُورَ گُليلي، ماشاءَالله!

سهسين تارا هڪڙي ياسي، باک بخاري هڪڙي پاسي،
ميساري پئي ڪئين مايوسيون، آسَ اڪيلي، ماشاءَالله!

عقل آلايو؛ آڳو، پيچو جاچي پنهنجو پير وڌاءِ،
عشق چيو؛ استاد، اٿي پئو "عيلي عيلي"، ماشاءَالله!

○

اکيون ٻنهي جون اُجون هيون ۽ بدن ٻنهي جون ٻکيو هيو،
دُکي دکي ڪجھہ پڇيو هيُو هُن، ڏکي ڏکي مون ڪُڇيو هيو.

ندي ڪناري ڏسي اجارا، ندي تہ ڄا خود ڪنڌي رُنو،
هوا جو جهوُنڪو، وڻن جو جهُڳٽو انهي لقا تي لڇيو هيو.

رفيق ٻُوٽن ٻَلاند ويڙهي اُتي اسان کي ڍَڪي ڇڏيو،
شَکي زمانو ڪري بهانو شڪار ڍونڍڻ اُٽيو هيو.

بدن سڄڻ جو چَمن چوان چو، اهو تہ دل جو وطن هُيم،
گهٽي گهٽي ۾ گهُميو چوان چو، چَپو چَپو مُون چُميو هيو.

سڄڻ منهنجي سِٽن منجهان جي سچي پچي ڪجھہ اچيو تُو!
شعور منهنجي شعاع جهڙو هُجاءِ هُن جو سُنگهيو هيو.

مسيح، ميهر، بلال، سرمد، نظير، بختي، ڪئي ڪُنا،
سڪڻ سٽائو حضور ناهي اِهو اڳيئي سُجهيو هيو.

ڪُلي فضا ۾ مَلهي ملياسين زمين جهومي پَٽي بخاري،
اتين لڳو ٿي ازل - ابد جو حسين جهُولو جهُليو هيو.

⬠

سمنڊ پهچي، پي وڃا مان، سو سراب، آءٌ آهيان،
اهڙو تاسو، جهڙو ڪاڇو، جي جناب، آءٌ آهيان.

جنهنجو شاعر، جنهنجو چاپڻهار ٿي خدا آهي،
شاعريءَ جو، سوبہ سنڌيءَ جو ڪتاب، آءٌ آهيان.

رات اوندهہ، مينهن، اوتر، هانوَ- ڦاڙڪَڙڪڙ ۾،
پوبہ چمندو وڃ ڪرنڊڙ جو شباب، آءٌ آهيان.

ڪين قسمت ڪي مجان ٿو، آءٌ پاڻ ڏوهي هان،
جي مقدر ڪي مجان ٿو، ڇو خراب آءٌ آهيان.

بيٺ هڪ ٿي، هيرَ جهُوٽو، جنهنجي پاند ۾ خوشبو،
خواب ۾ بيو خواب تنهن ۾ ٽيو بہ خواب، آءٌ آهيان.

اڳ۾ ٽبڪو، پوبہ ٽبڪو، هڪ قطار ٽبڪن جي،
منهنجي پير ۾ هِڪُ هجي هو، بي حساب، آءٌ آهيان.

ڪربلا ڪان ڄامشورو، شهر شهر محشر آ،
ارتقا جو شور هوندو، انقلاب، آءُ آهيان.

سجَ ۾ نہ تہ ٻجَ ۾ ٿي جرڪ جاچجو منهنجي،
عرش تي نہ تہ فرش تي پر آب تاب، آءُ آهيان.

رات تيو استاد ڏايو ڏات، ذات جو جهيڙو،
جيت آخر گيت جي تي، ڪامياب، آءُ آهيان.

نيڻ ڳولا عظيم قدمن جا،
ڪنڌ تي موت، پنڌ جنمن جا.

هاڪ بنبو وڃان حقيقت جا،
ڙاڪ ڳِهندو وڃان ٽو وهمن جا.

ڪربلا، قتل عام، راتاها،
سي بہ ها نام منهنجي صدمن جا.

روز تحفا ملن ٿا ماتم جا،
ناز مونکان پُڇو نہ نغمن جا.

عڪس حق جا، هُما جا پاڇا ها،
مون ڪي اوتار تنهنجي چشمن جا.

هُن جي هٿ ۾ وڏو منڊيئڙو آ،
پيش پوندا شمار پدمن جا.

تـوڪي سوداءِ پنهنجي قسمت جـا،
مونکي ڪم ڪار لوح - قلمن جا.

پيءُ، آب- حيات اِسڪندر!
نوٽبوڪ ڳول منهنجي نظمن جا.

سير دنيا جا، عزم اڳتي جا،
تاب اُستاد منهنجي تَن، من جا.

○

نہ جي دل عقابي، نظر ڇا ڪري!
جگر ڪانسوا اک اثر ڇا ڪري!

پڪا پير ناهن تہ "گهوڙو ڪچو"،
تِکي بانهن ناهي تبر ڇا ڪري؟

عذاب آهي دولت وڏي، دل ننڍي،
ڏَنير ڏوڙ بنجي تہ ڏر ڇا ڪري!

ڊنا ديس دودا، ڏيـــان ڏڏَ ڇـا،
ڏري ڏار پياڙي، ڇپر ڇا ڪري!

(١) ڪيئين ڪلڪ ڪارِي، ڪتاري ڪتي،
بخاري مياري، مگر ڇا ڪري!

⬠

(١) ڪاري: تکر اوزار – اڙانڌو ڏک

حڪيمو، طبيبو، طريقا ڪيو!
لڳا ٽئون ڪليجي ۾ ڪوڪا ڪيو!

نہ قسمت مڃي هُن نہ ڪوشش ڪئي،
تڏهن تا اوهان دل جا تختا ڪيو!

جي منهنجي جگر کي وڪوڙين پيا،
سي منهنجي رڳن مان تا رستا ڪيو!

سٽي ڪير تو ساز هن دور ۾،
وڄايو وٽن کي ڪي واڪا ڪيو!

هو سِبجي ۽ سٽجي ائن تي چڪا،
هٿو هاڻ نعرا تا؛ ٻورا ڪيو!

نہ شهر آهي جيئرو نہ ڪو تو مري،
ٻہ ٽي ٻيا ٻيانن جا صدقا ڪيو!

هي ڌرتي لڳاتار بيمار آ،
ڪي ڪايا پلٽ يار نسخا ڪيو!

ڇٽيم ڇيڇڪا پٽي تہ ڪيٽيءَ ڇيو،
بخاري وڃي ڀهريان وادا ڪيو!

○

تنهنجي خوشبو پڙهان خطن وانگي.
تنهنجا نياپا چمان چپن وانگي.

جوش؛ جهمريون، ڇهاوَ؛ چيرون ها:
دل تي دهہ دهہ ڪٿي دفن وانگي.

تنهنجي محبت لذيذ شاهد آ،
مشڪلون مون ڪٿيون مزن وانگي.

خوبصورت خيال جا سپنا،
توکي سمجهيم لطيف فن وانگي.

آڳ وچڙيو وجي امنگن ڪي،
ڪابہ وينگس سڏي وڻن وانگي.

شعر ساقي، شراب موسيقي،
لفظ، اوتي ڏين هٿن وانگي.

شوقُ، منهنجو جهاز تي گذريو،
خوفَ، مون ڏي ڏٺو مڇن وانگي.

جهومندي پون لڳي، پڇيم ڇو؟ چي-
آسمان ٿو تڪي ڪفن وانگي:

ڇو نہ پهرو مري بخاري ڏئي،
تنهنجو پاڙو مِٺو وطن وانگي.

مان حق جي ڳالھ ڪريان نہ ڪريان، چوٽيءَ تي چڙهي حقُ ڪُوڪي ٿو.
مان در در گيت چوان نہ چوان، سنڌ يڪو گهرگهر جاڳي ٿو.

ها ڪوھ برابر ڪوھ آهن، پر ڏڪندا پوءِ بہ ڏوھ آهن،
جنهن پوءِ ۾ تا پونچال ٿئي، تنهن پون جو سينو ڌڙڪي ٿو.

تو ميڙو ڏسجي ماتم تي، تي محفل مچري چم چم تي،
جنگاھ يا جلسي گاھ هجي، جڳ جذباتي آ جهومي ٿو.

تشبيه برابر بجڙي آ، تصوير ٿي تَرَ جي اهڙي آ،
هِت ڀُڪارڻ ۽ پوڪڻ ۾، ڪو پونءِ ڪوي جڻ پشونڪي ٿو.

استاد اُڪائي وجهو آ، پر مينهن تہ وسندو، وسڻو آ،
هي بادل ايندا ويندا پيا، پر سمنڊ سدائين چيچڪي ٿو.

تنهنجي آئي چين کٿي آ؟ انگ انگ آ بي چين!
پر جي وچڙي لوچ بچين تو، پو تہ صفا بي چين.

عشق، عقل ٻئي گهورا تنهنجي هڪڙي حسن سندا،
هوش الڳ تو تولڻ تڙپي، جوش جدا بي چين.

تاٿڻ، تڙپڻ مون تي لازم، نازڪ، توتي ناهہ،
درد، دوا لڳہ بي چين آهي، ناهہ دوا بي چين.

ڪويل کي ڪُوڪايو هوندو شايد پيتً ۽ پيار،
پر چو آهي باغ سڄي جي بُوءِ، هوا بي چين؟

ٻچپن جي ڪَل آيل کي آ، جوين جو تون شاهد،
سونهن، سڪڻ جيَ ياڪُرِ ۾ چو آءِ الا بي چين!

جام جواني، مٺي مستاني، ٻيءِ هيءِ جِيءِ جاني!
چنگ وڄايون، چپڙا آهن چاهہ سوا بي چين.

پيريءِ کي پاڻي ٿي سمجهو، پاڻي پڻ بي چين،
جوين بيشڪ باهہ بخاري، آڳ- الا بي چين.

سڏي سِڪ، ڊکي دل، سَري ڪانہ ٿي.
رنيي ڦر، لڳي ڳڻون، چري ڪانہ ٿي.

رئڻ سان نہ ٿي پيڙ پگهري ڏنم،
تہ پاٿيءَ ۾ پٿري ڳري ڪانہ ٿي.

ڪُسي ڪو تہ چو ڦير ڪِيهون ڪري،
اهو ڪم بہ دنيا ڪري ڪانہ ٿي.

محبت مري ڪانہ ٿي، شڪريو،
مصيبت بہ مولا مري ڪانہ ٿي.

وِسائينس، دونهون ۽ ڌپ ٿي ڪري،
ٻري دل ٿي، چمني ٻري ڪانہ ٿي.

وڏي ويڪري ٿي پوي ٿي مگر،
ندي، سمنڊ ۾ وٿي وري ڪانہ ٿي.

مٿان برف هيٺيان جوالو ڏڳي،
ٺِنيي تو ڇڏين دل ٺري ڪانہ ٿي.

خدا جي خدائي وڏي آ، مگر،
بخاريءَ جي اک کي پري ڪانہ ٿي.

○

ڪنهن ڪنهن ڏينهن تہ ايندي ڪر تون.
نٿون نٿون روح پريندي ڪر تون.

منهنجي آس، اميد تہ آهين،
مونکان مُنهن نہ مٽيندي ڪر تون.

مايوسين جو ڄارو مون تان،
روز اچي روڙيندي ڪر تون.

منهنجو شوق شفق ۾ رڱجي،
ميندي روز مکيندي ڪر تون.

اڪ، اڪ ۾ تہ ڪپہ ڪي تيلي،
هٿ، هٿ ۾ تہ نہ ڏيندي ڪر تون.

ڪنهن سڪٽي جي سامهون ويهي،
ڇيگم ڪين ڇپيندي ڪر تون.

ميهر وانگر مان تو تڙپان،
سهڻي تي سوچيندي ڪر تون.

ويني ويني چا تي وجني تو،
پاڻ ڪڏهن پرکيندي ڪر تون.

ساز آهيان پرسوز، مزي سان،
ڇهندي ڪر، ڇيڙيندي ڪر تون.

درد وَندو استاد بخاري،
ويهي سوُر ونڊيندي ڪر تون.

○

چار اکيون .تيون، چار چپ تي پيا.
سونهن اجري پئي، پيار نڪري پيا.

بند درياهہ ٽوڙي تہ جوڙي وجهون،
هي تہ جذبات ها جيڪي اٿلي پيا.

شرمہ پيحرا وڌا، ڪنب ٻُڌتر ٻَڌا،
پوبہ توڏانهن انگ انگ اڏري پيا.

عشق بيباڪ جون حرڪتون- برڪتون،
حسن محجوب جا منڊ ادڙي پيا.

رات سپنن ۾ بوسا ڏنم، صبح جو،
شوق، تصوير تنهنجي ڪي چهٽي پيا.

تنهنجي سينگار محفل کي گلشن ڪيو،
بُوءِ ٻاڻ لڳي، رنگ جهومي پيا.

رات دل جو اڱڻ آسمان تي لڳو،
چنڊ، تارا، ڪتيون ڪوڙ ايري پيا.

هوُ قدم تي قدم ارتقا جان وڌي،
چاهہ آهستي آهستي چمڪي پيا.

پيار پرتو تہ جڻ يار پرتا سيئي،
صحن جهوميو تہ جهرجهنگ جهومي پيا.

عشق اعظم جي پاسي ۾ استاد جا،
هوش روشن ٿيا، جوش جرڪي پيا.

○

استاد جي ارداسَ، نئين سال جو تحفو.
مايوس ڪي ڏي آس، نئين سال جو تحفو.

پريات جي پردي ۾ ڪري بند مُکو آ،
اڌرات ڏي آڪاس، نئين سال جو تحفو.

ڪي- تو ُڪي ملي برف، مليا سجَ ڪي بادل،
۽ تر ڪي مِلي تاس، نئين سال جو تحفو.

تخريب ۽ تعمير پريو تالهہ ورهائن،
هي وهم هي وشواس، نئين سال جو تحفو.

ڪٿ صبح سويري سان نئين نُور جا ڪرڻا،
وٿ واءَ وٿان واسَ، نئين سال جو تحفو.

استاد جي تقرير ۽ تحرير ۾ آهن،
احساس ئي احساس، نئين سال جو تحفو.

⬠

○

هر شخص شهر سمجهو، هر دل بزار آهي.
ڪيڏو غمن، ڪمن جو هِت ڪاروبار آهي.

جنهنجي وڳن جي خوشبو تي ڪنهن ڪي نور بخشي،
سو حسن عام سامهون تيو تينوار آهي.

منهنجي چَپن جي خواهش آهي ڪٿن ورهائي،
تنهنجي لبن تي سرخي جو ڪجھ تہ بار آهي.

تو مُرڪي گُل ڏنو سو، گلدستو تي اُتي پيو،
سپنن بنايو ان مان هڪ سبز زار آهي.

اوتر تو هِير ڪائي، سورج ڳهي ستارا،
هرڪو سَگهو شڪاري، هيٺو شڪار آهي.

استاد ۾ بظاهر ہي ڪابہ خوبي ناهي،
هڪ سونهن جو پجاري پيو سنڌ- يار آهي.

⬠

○

ٽوڪ ڪري يا شوق ڪري، هن مونکان پڇا ڪئي؛ شاعر آهين؟
مونچو، منڙا، ڪنهن مومن کان پڇبو ناهي ڪافر آهين!

مُرڪَ ڏِکي هيو وار ڪيائين؛ سونهن پرست بہ سڏجين تو؟
ههڙو سهڻو هيو ڪو شاهد، تون جو سامهون حاضر آهين!

پٽر مان تہ نہ چوندس پر هي کهڙي طرح جو قادر آ؟
بانها ٻاري جنگ- جهنم، ۽ تون حاضر ناظر آهين.

سچ ۽ سنڌ کي، پيٽ ۽ پيار کي لازم ۽ ملزوم تو چئين؟
هي ڪو اوکو معمو ناهي، ايترو تون بہ تہ ماهر آهين!

علم، ادب جي ساڃ سان آهيان، ڪاٿي آهيان ڪا ڪَٽ ناهي،
جو ٿا بندو، ربُ بنايو، چوندي؛ اولّ، آخر آهين!

ڏات امرتا پريتم توتي از خود عاشق ٿي پئي آ،
لوڪ تڏهن تو سمجهي تون استاد سخن جو ساحر آهين.

⬠

نينگر اڪثر ايندا آهن منهنجو وقت وڃائڻ ڪارڻ.
۽ ڏِڍ ڏٺي ڪو ويندا هن منهنجو هانءُ وڌائڻ ڪارڻ.

مون وٽ وَٽِ ويچارن جي ۽ هوندو تيل طلب جو آهي،
تنهنڪي تِيلي هو تہ هٿن تا جِيوَن جوت جلائڻ ڪارڻ.

شام شفق تي تارو چمڪي، صبح ڪليءَ تي پنڙو پُٽڪي،
ڏينهن تني جو ڳيرو ڏوٽي، منهنجو چاهہ وڌائڻ ڪارڻ.

شهري ڇو تا شرمايو پيا، حڪم ڪريو ۽ فرمايو،
ڳلي ڳليءَ ۾ ڳارايو، مان، آيو ٿي آهيان ڳائڻ ڪارڻ.

ڪڪري مينهن ڇٽيندي ويندي، خوشبو هير وندبيندي ويندي،
ڏات اسان جي جيتر جيئندي، جيئندي جوت وندائڻ ڪارڻ.

محفل ۾ ڇو مچ مچايم، جان جلائي رنگ رچايم،
ٽِچڪي ٽچڪي نينهن نچايم، پاليو هوم پچائڻ ڪارڻ.

وِڪ وِڪ تي وانگاري سمجهو، دَر در تي ڍُهلاري سمجهو،
بانگو يار بخاري سمجهو، ڪُوڪاري جاڳائڻ ڪارڻ.

بازار ۾ ڏٺو هوندءِ.
اخبار ۾ پڙهيو هوندءِ.

ها، پيار منهنجو آوارو،
هر موڙ تي مليو هوندءِ.

تارو ڪڙيو تہ مان ڊوڙيس،
اڌ رات جو سڏيو هوندءِ.

آرام جو دلاسو ڏئي،
آزار ۾ وڌو هوندءِ.

اوطاق تان اٿيو، ميڙيو،
جنگاهہ ۾ گڏيو هوندءِ.

تحريڪ ۾ ويو گم تي،
تاريخ ۾ لڌو هوندءِ.

ڪرڻ ڊڪي، جهڻي ورتو،
اونداهہ ۾ سٽيو هوندءِ.

مون جو سڏيو سچائي ڇڏ،
هر ڪوٺ سان ڪنو هوندءِ.

رڳ رڳ ٽُڪيو، جهُڪيو ناهي،
منهنجو اهو ادو هوندءِ.

هڪ پيار ڪي ٻيو پاپيءَ ڪي،
استاد جو پتو هوندءِ.

⬠

هيڏانهن تمنّا جو طوفان اٿي ٿو.
توڏانهن اِهو ڇا جو درياهہ لڇي ٿو.

تون مِينهن نہ آهين من ۾ آءٌ نہ ڪاڇو،
ڇو مونکي جياپي لئہ سر تنهنجو سُجهي ٿو.

لِڱ ڇٽنگ بہ ساڙي ٿي، پر باهہ نہ ڇٽبي،
پل شوق جي دعوىٰ ڪر، پر عشق پڇي ٿو.

جنهن پاڻ تي دونهون آ، ڀڪ آ تہ وسهن آهہ،
ويران نہ آهيان مان ڪو درد دکي ٿو.

جوڀن کي سَڏيوَ اندو، پيريءَ کي زهيري،
هر عمر ۾ ماڻهو ڪجهہ بي شرم هجي ٿو.

ڪاليج جي ڇورن کان زاهد بہ تہ گهٽ ناهي،
جنّت ۾ گهڙي زوري حورن کي ڇهي ٿو.

گل، پنئر سنگهي ويو هليو پر شمع ۽ پروانو،
معشوق جي شعلن کي مشتاق چمي ٿو.

جيئڻ موت جو ڏيپ ٿو ٿئي، جِيوَن کي وجهون ٻک ٿا،
انسان تضادن جي جهولي ۾ لڏي ٿو.

هي هيڏي اڪيلائي، هي هيڏي اداسائي،
اونداهہ جي ساگر ۾ ويساهہ ٻڏي ٿو.

مشتاق جي مرضي آ، دل آهي مجاهد جي،
محفل ۾ کسي ٿو هو، مقتل ۾ کڏي ٿو.

ڇا حسن ۽ عشق بنا مضمون نہ هو ٻيو،
استاد بخاريءَ کان محبوب پڇي ٿو.

○

آڪاس وجهي فال ڏي احوال مونکي!
ياڻ پوندو نہ يا پوندو نئون سال مونکي؟

مان پيار جو پندار، خيالن جو خزانو،
هو سيٺ تو ڪوني وينو ڪنگال مونکي.

مان چنڊ کي خود پاڻ چمي سگهندس پاڻهي،
تون پنهنجا چمڻ پير ڏي في الحال مونکي.

يا ديد ۾ يا دل ۾ نہ تہ يا ڌيان ۾ آهي،
جڳ ۾ تہ نظر نايو آ جڳپال مونکي.

مان روز نہ پر عيد تي اگهندس ڳوڙها،
تون موڪلي ڏي ريشمي رومال مونکي.

هر شام شفق اوڙهي آ، ايندي مون ڏي،
هر باک چمائيندي آ، لب لال مونکي.

ڏسجو تہ ڪچھري ۾ شعاع آھي يا ناھي،
ھر شعر تو منھنجو لڳي مشعال مونکي.

ھڪ صحرا تتو لنگھڻو آ، ننگين پيرين،
ھڪ سمنڊ وڏو ترڻو آ ھر سال مونکي.

گھمسان ۾ گھبرايو نہ تہ چو تہ بخاري،
طوفان ڪري پاليو آ، پونچال مونکي.

تون سونهن تو پسائين احسان جي نموني،
مونکي نہ پيار گهرجي ان دان جي نموني.

مضمون حسن جو تو ڇيڙي ڇڏيو آ جاني،
مان چو نہ عشق آڇيان عنوان جي نموني.

برباد دل جي پُونءِ ڪي مس مس ملي تو ڪاٿي،
ياڪر بهار، بوسو بستان جي نموني.

زلفن ۾ يا زنجيرن ۾، قرب يا ڪڙن ۾،
هي زندگي تہ ٿِي پئي زندان جي نموني.

خوشبو حبيب جي هئي، بدبو رقيب ڪئي مان،
ڪجھہ هِير جي طرح ڪجھہ طوفان جي نموني.

مسڪين اٿلي پٿلي هر رات پئي پڇائي،
ڪنهن تانگهہ جي ٿئي تي دل نان جي نموني.

سنسار - گهر لڳي ٿو بر ۾ سراءِ وانگر،
تون، مان مڪي، مِيان، پر مهمان جي نموني.

آدم، حوا خطا ڪئي آخر تہ آدمي ها،
الله چو خفا ٿيو انسان جي نموني.

مينار روشنيءَ جو او دوست عشق منهنجو،
گوندر گهٽائي آيا گهمسان جي نموني.

آزاد ٿيندو ويندو استاد هي زمانو،
آواز ٿيندو ويندو اعلان جي نموني.

جنهن نينهن تي مونکي ناز هيو، تنهن نينهن ٻجي ناسور ڇڏيو.
هي ديد هِتي پُڄندي تي وتي، هُن ديد گهٽوئي دُور ڇڏيو.

هر هنڌ نِدائون دوست ڪريو، هر وقت دعائون چو نہ ڏيان،
هِن سڪٽي ڍاندي ڀاندي کي تا مفت ڪري مشهور ڇڏيو.

يا ڪوئل جي تي ڪُوڪ ويو يا آنين جيڪو ٻُور جهليو،
ڪجهہ ياد اتم کي ڏينهن تِيا هِن پَٽَ ۾ مون هو پُور ڇڏيو.

هي مشهوري هي بدنامي، جيِوَن جي ڪمائي آ جاني،
گمنام هُيم، گمنام رهان، بس مون وٽ منهنجو مُور ڇڏيو.

يا پهچي چيرون چَم چَم ڏيو، يا وچڙي واڪا، ماتم ڏيو!
ڪا ياد بخاري ساڻ رهي يا سُور ڏيو يا سُرور ڏيو!

ڪجھہ جھومر تہ جھومر مان.
سُرڪيان سُر سندر مان.

تون ساڻ تہ مان بازر،
نہ تہ ڪنڌر- ڪنڌر مان.

سُرهاڻ مِٽي تنهنجي،
يا هير انئي- تر مان؟

چڻ ڏيھہ ٿي ڏيڏيءَ ۾،
چو ديد ڪيان در مان.

يا ناهي مچي جر ۾،
يا پيار ويو تر مان؟

هٽ هٽ ۾ ڏي تہ سهي،
تقدير ڪرِيان سر مان.

ها، سونهن جو سرور تون،
پر پيار جو پرور مان.

استاد نہ ديد يري،
دنيا مان، دلبر مان.

○

يار ڪان ٿو خار ڪي پيارو ڪرين!
سوجهري سامهون ٿو انڌارو ڪرين.

تون بہ منهنجي ٻاهہ کي ڪوڙو چئي،
لوڻ ٻرڪي ڪوهہ ٿو کارو ڪرين.

نيڻ لاهيارا، پرون ڏاٿا تکا،
وينئي وينئو يار لابارو ڪرين.

منهن تي تنهنجي مرڪندي چگهہ ٿو نهي،
باک تي ٿو صبح جو تارو ڪرين.

چيٽ، چانڊوڪي، چُڪي، زوري رُسي،
منڊ جو ٿو يار منهن ڪارو ڪرين.

ماٺ تي وينئين تہ پارو پيو جمي،
جي اٿي ڪوئين تہ اونهارو ڪرين.

منڍ تنهنجي مرڪ ۾ ۽ ڪرڪ ۾،
چاهي سيارو، چاهي اونهارو ڪرين.

تنهنجو هر هڪ شعر، دفتر ٿيو پوي،
معجزو، قطري کي تو ڌارو ڪرين.

عشق جو انداز آوارو ڪري،
حسن تو هر هنڌ هاڪارو ڪرين.

ها، بخاري تون بہ سرجڻهار آن،
سونهن کي ويتر تو سونهارو ڪرين.

تون ڪٿي ڪجھ بي هجين استاد پر،
عشق ارڏو ڇو تو ويچارو ڪرين.

منهنجي سپني جي هر جهوَنڪي ڪي، تنهنجو خوشبو خواب ڇُهيو تہ وڃي.
جڻ منهنجي شوق جي شهر منجهان، تنهنجو شوخ شباب گهُميو تہ وڃي.

هر ٽُبڪي ۾ اک ٽـڙڳي ٿي، هـر جملي ۾ دل جهولـي ٿي،
تنهنجي سونهن جي سِٽ سِٽ بابُ وڏو، جڻ قرب ڪتاب کُليو تہ وڃي.

مان ڳوڙها ڳاڙي سڏڪان ٿو، تون مون تي مُرڪين، سوچان ٿـو،
جڻ موتين تي ٿو موتي ڏيـن، ها، هينئن بہ حساب چُڪيو تہ وڃي.

ڇـو پڇري پـاڻ پگهـارين ٿو، ڇـو ڦوهُہ وَهي هِينئن هارين ٿـو؟
ڏي ساقي مونکي مٺي اوتي، شيشي مان شراب اُڙهو تہ وڃي.

جي عشق بخاري اٿندو آ، ٻئي پـار وڪوڙي وينـدو آ،
بيباڪ ٿي مان جي ٻڙڪان ٿو، هُن جو بہ حجاب اُتيو تہ وڃي.

○

هزار پيرا ڪَکر ڪَرم جو أنو هيو.
اجا بخاري تسم ڪٽين جو أجو هيو.

سُڪون ڪاٿي، فراق ۾ يا وصال ۾!
نَدي جو ڏارو سموند ۾ چا سُتو هيو؟

ڪَرنٽ هوندو اجا بہ ڪنهن ڪنهن اچار ۾،
هِن چَپن سان مون بجلين کي ڇُتو هيو.

سُنو چئي ٿا ڇڏيوس هي ڪا ٿنا نہ ٿي،
سُنا تہ آهن سوين، سَون ۾ سُتو هيو.

سُتا ستارا، هَوا هنيان ڪونگهرا مگر،
الائي ڪاٿي بَهيو نہ پئي ٿي، ڪُتو هيو.

خسيس خواري وقار منهنجو وڃيو پئي،
ڏيان منهنجو رفيق تو ۾ رُڌو هيو.

عجيب سپنو ڏِنو بخاري، سيئي ٻُڌو!
جتي نہ ماڻهو مُنو نہ ڪوئي ڪُنو هيو.

⬠

توبہ محبوب نہ سک منهنجي سچاتي هوندي!
تُنهنجي نظرن ڇُهي منهنجي رڳو ڇاتي هوندي!

پيار منهنجي ڏڪيو اُن رات رڳو جذبو هوندو،
سونهن ڪي تو رڳو سرهاڻ ئي ڀاتي هوندي!

مان مڃان ٿو تہ مليو هوس زمانا توسان،
ڪا گهڙي سوچ ۾ ذاتي نہ صفاتي هوندي.

گيتَ چپَ تي تو ٻُڌا، ڪِلڪ ڏني تو هَٿ ۾،
ڇا پتو ٿئي تہ ڪليجي ۾ ڪا ڪاتي هوندي!

روح جي راڄَ ۾ تي ڪاڄ ڪياسين ٿهڪي،
موت جي قيد ۾ آزاد حياتي هوندي!

ڪنهن تہ لڪي تکي تلوار سان لاٿون لڏيون،
ڪنهن تہ ميندي نئين تاريخ ڪي لاتي هوندي.

سالها سال ڪيون لوڪ ڪئين تعبيرون،
ڳالهہ هرحال مون هڪ خواب جي ڳاتي هوندي.

رات استاد جو انگ انگ ڇُميو چاندوڪي،
چنڊ پر سوچ ۾ ڀاتي ڪٿي جهاتي هوندي.

هي ٽِڪي ٽانگهہ، تاڻ تون ۽ مان!
ڇو رُسڻ پاڻ ساڻ، تون ۽ مان؟

ماڻِ مائٽيون، ڪنار ڪينجهر جي!
ڪوڙ خوشبو، ڪِڪاڻ تون ۽ مان.

پيار، سُرهاڻ، سُونهن هر رنگي،
رنگ – بُو جي رهاڻ تون ۽ مان.

جوت جا ٽي، اُتي پلي پاڇو،
عيش هوندي اُباڻ تون ۽ مان.

هي عجيب اتّفاق استاد آ،
هي هوا هي وٽاڻ تون ۽ مان!

○

ڄيوَن جو ٻگ سان واسطو ايڏو وڏو نہ هو.
هڪ حادثو هو تي بہ ويو، ڇڻ ٿيو نہ هو.

ڪي ڏينهن ها يا سال ها تو سان معاملا،
محشر جو وقت ڪنهن بہ شريعت ڪٿيو نہ هو.

آئين جو عيد بنجي تہ روزو ٿيڃي وڌم،
موٽئين تہ مون پِنيو پٺي محرم ڏٺو نہ هو.

درياھہ درد جي ۾ ٻري باھہ پٺي، ڏسو،
هي سڪ جو ڪرشمون هو ڪوئي معجزو نہ هو.

ڇو قرب جي ڪمال جا قائل نہ ٿا ٿيو،
ڇا ڪو ڪکر، ڪنوڻ سان نشانبر نچيو نہ هو!

نئون دور جيستائين اچي، نينهن پٺي ڪيم،
هي دور منهنجي عشق جي لائق تہ ڪونہ هو.

رحمان، جي امان ملي، حالِ دل سليان،
قهّار نانءَ تنهنجو ڪڙو هو، مٺو نہ هو.

ايڏو تہ زندگي ۾ مزو هو جو چا ڪتيان،
پر جيترو گهريو ٿي اسان ايترو نہ هو.

بي پير، بي زبان نچي، ڳيچ پيو چوي،
انسان خواب ۾ تہ سگهو ڪيترو نہ هو!

سي فلسفا ها ڪالهہ جا، سي فيصلا سُيان،
اڄ چا چوان تہ ڪير سچو هو، سچو نہ هو.

استاد تنهنجي عشق ۾ جهوميو جتي ڪتي،
تڙپيو ڪتي ڪتي اهو پورو پٽو نہ هو.

توبه کئي تہ ييري پيري،
پيارَ يَڳي تہ ييري پيري.

ديدون ڏکبيون رهبيون آهن،
دل بہ ڏکي تہ ييري پيري.

ڪَکڙي اک کان، تکڙي وِک کان،
چوٽ چڪي تہ ييري پيري.

"سَير کٿي هٿي"، سهٽي پٽکي،
لِيک لنگهي تہ ييري پيري.

مريم، زينب، ہاگهي بنجي،
باهہ ڦکي تہ ييري پيري.

کنبيَ کُتاتہ، چُهنب چِٽي تہ،
ڪُوک ڪَٽي تہ ييري پيري.

تاسَ لتيءَ مان تيز بخاري،
تاسَ لڳي تہ ييري پيري.

○

پنهنجو پاڻ ٻڌائي نڪتو آهيان، ڪنهنجي ڪاڻ.
جذبن کي جرڪائي نڪتو آهيان، ڪنهنجي ڪاڻ.

تازي ڪوسي چوٽ لڳل جي چانهہ چُڪي چاڙهي،
دل سگريٽ دکائي نڪتو آهيان، ڪنهنجي ڪاڻ.

ڪاڙهي وانگي ساڙي دنيا، مان سمجهانس ملهار،
چاهہَ جو چشمو پائي نڪتو آهيان، ڪنهنجي ڪاڻ.

گهُنڊ وجهي، منهن موڙي دنيا، مُرڪي مُنهن لائي،
سڀ ڪجهہ مان سهسائي نڪتو آهيان، ڪنهنجي ڪاڻ.

عشق ڪرايون ڪاريون آهُون، پِيليون پوڪارُون،
ڳاڙها راڳ رچائي نڪتو آهيان، ڪنهنجي ڪاڻ.

جِيوَن ڊوڙي، جِيوَن دڳ تي، جِيوَن منزل لاءِ،
ڪيڏو پنڌ پُچائي نڪتو آهيان، ڪنهنجي ڪاڻ.

محبت جو ميدان مچي ويو، موٽڻ ممڪن ناهہ،
سِر استاد سهائي نڪتو آهيان، ڪنهنجي ڪاڻ.

⬠

وڏي اچين تہ وڏي وِير جان چڙهي تو وڃان.
وري ورين تہ جئين ڇَرَ لهي، لهي تو وڃان.

پرين جي پيار جو درياھ تو ڪٿي پَلٽين،
جئين نہ ڪانھن جي تِيلي لُڙهي، لُڙهي تو وڃان.

عذاب مونکي بہ دنيا ضرور ڏيندي آ،
الائي ڪنهن جي ڪري او سڄڻ، سهي تو وڃان.

مثال ڪَتَ جي نِڪتَ جي سڄڻ وتين ڦِرندو،
قُطب تي مان تہ اتي جو اتي ڪُپي تو وڃان.

نراڙ، نڪ تي پسينو، حجاب منهن تي ڇو،
نشي ۾ نينهن جي شايد تہ ڪجھ چئي تو وڃان.

لحاظ ڇڻ يا هبڪ يا ادب سبب استاد،
چوڻ گهرڻ تي گهٽوئي مگر مُڙي تو وڃان.

جي جلوو ٿو جهَل پَل مان جهرڪي پوي.
تہ جذبو ٿو تن من مان ٽڙبي پوي.

ٻنيا وار: ڪڪرن جي ڪڙڳاهہ مان-
ڪِلي ڪنوڻ تنهنجي ٽِي چمڪي پوي.

جوانيءَ جا جذبا جِتي روڪجن ٿا،
اتان ٿي ٿو درياهہ اٿلي پوي.

ٿِئين دل ٿي تولاءِ ٽڪڙي ٽنبي،
جيئن دل تي دلدار ڏمڪي پوي.

مِلين ٿو مَسين، هَٿ، ڇِڄين ٿو اِجهو!
اچين ٿو ٿِي ڇاتيءَ ۾ ڇڪڙي پوي.

نہ ٿي لهر پاڻيءَ مان ٽڪجي، تہ ڇو-
ڪڏهن ٿو مان استاد ڪڪ تي پوي؟

○

حسن خاموش هو، عشق بي چين آهُن جو پندار هو.
غنچو محبوب هو، واهہ بي شرم، بيباڪ، هوشيار هو.

اڪ سِڪي ٿي ڏسي، هٿ جهڪي ٿو جهُي، دِل ٽبي ٿي مِلي،
اڄ کي آب جو، ٻڪ کي طعام جو، ڪيڏو درڪار هو!

آهِ قسمت جو قائل نہ آهيان مگر هي بہ قسمت ٿي ٿي،
هو تہ پوپٽ وٽيو پر پتنگي کي شعلي جو رخسار هو.

ٽورو گهوري ڏسو، ڪوتہ مظلوم، ظالم بہ آهي وڏو،
شمع جو روپ اهڙي انوکي نظاري جو شهڪار هو.

عشق احوال مونکان پڇين ٿو تہ هڪ ڳالهہ ڪن ڪول، ٻڌ!
عشق آزار جيڏو وڏو ايڏو جِيوَن جو آڌار هو.

چنڊ کي داغ هو، سمنڊ پاڳل هو، ڏونگر تي گونگو لڳو،
جنهن ڏي جنهن ڏي چِتائي ڏِسو او طبيبو تہ بيمار هو.

مان تہ عاشق هيس، عشق بي چين، بيتاب ٿيندو ٿي آ.
واءُ سان ويل ڪھڙو هو، ساگر ڪي ڇا لاءِ ڦٽڪار هو.

زندگي ڪم جو ساگر تہ آ، غم جو صحرا بہ آ،
سمنڊ، صحرا ڪنيون ٿي وتيو آدمي هو يا سنسار هو؟

بنڊ بوڪر ڪي يا تيل کھني ڪي يا جھوني مشتاق ڪي،
جنھن جلايو ٿي تنھن روشني ٿي ڏني، ڪر نہ هو يار هو.

تيز تڙڪو تلاون ڪي بادل بنائي ٿو همدرد ٿي،
واءُ خوشبو ڪي گھر گھر گھمائي ٿو ڇٻو تہ غمخوار هو!

ڏس تہ انڌو ڪِلي پيو، هي بيمار پوڙهو پيو ٿي وي ڏسي،
هي زمانو عذابن جي هوندي بہ ڏاڍو مزيدار هو.

يا تہ اول ٿي هو يا تہ آخر ۾ ايندو ڪندو مالڪي،
مونکي پھرئين ڪان ڇو، توکي پوئين ڪان ڇاڪاڻ انڪار هو؟

جو بخاريءَ سان ناهي مِليو، اڄ مِلي ڪجھ پڙهي ڪجھ ٻڌي،
هر غزل ان جي تن من جو آئينو، جذبن جو اظهار هو.

آخري عمر استاد جي زندگيءَ جو مون فوٽو ڇڪيو،
تجربو پيرسن، ولولو نوجوان، شوق ۾ ٻار هو.

چوان ٿو تہ توکان ڇڏيان موڪلائي.
متان اوچتو مونکان مان موڪلائي.

ٻہ ٽي منٽ ترسو پلي پوءِ هلجو،
ڪچي ڪان پڪي ڪان اڄان مَنُوڪلائي.

اِهو ڪير ڏاهو ڏسي جان، جند ڪان،
ڪٿين موڪلائي، ڪٿان موڪلائي.

پلي پوءِ توکي چمان پرينئي پيو،
رڳو هڪڙو پيرو وٺان موڪلائي.

انهي حادثي کي پلا ڪونجي ڇا،
زمين کان ٿو ڄڻ آسمان موڪلائي.

ٽٽي پوندي استاد، دادوءَ جي دل،
بخاريءَ کان مورو متان موڪلائي.

○

هوا کي ڇڻو، پرينءَ جي گهر گهڙي آهستي آهستي،
ٻڌي ٻانهون جهُڪي خوشبو چمي آهستي آهستي.

ڪڪر پرتي هٽو هاڻي تہ ڪا تارا زيارت ڪن،
پري تيو روشني پيرين پوي آهستي آهستي.

سويري سج جا ڪِرڻا ڪرڻ ديدار ايندا سو،
اسُر سان ماڪ تيهو تي ڏٺي آهستي آهستي.

اُتان طوفان ٿي پهتس، هِتان نڪران تہ دم نڪري،
ڪتي ماٺهو ابهرو آ، ڪتي آهستي آهستي.

طَلبَ واريءَ جي پِڪ ناهي، ڪٿي منجر جي جر سمجهو،
تپي آهستي آهستي، ٺري آهستي آهستي.

ڊِڪي راڪيٽ ڪان تڪڙو، پوي ڪاتي نہ ٽابڙجي،
صلاحون ڏيو زماني کي هلي آهستي آهستي.

متان محسوس ٿئي دل کي متان معلوم ٿئي من کي،
تذهن استاد ٿو تڙپي لڇي آهستي آهستي.

⬠

○

بند دروازو نہ کوليو روبرو پهچڻ نہ ڏيو.
جاءِ ويهڻ جي اِتي ڪانهي هِتي ويهڻ نہ ڏيو.

چپ چهن ڪنهنجي چپن ڪي هي تا بي ادبي چون،
اڪ ڏئي بوسا اکين ڪي، گهٽ ۾ گهٽ گهورڻ نہ ڏيو.

تنهنجو آ، يا منهنجو آ، سو فيصلو پو تا ڪريون،
سوجهرو سڀ ڪنهن جو آهي، چنڊ کي چمڪڻ نہ ڏيو.

حسن آهي باهہ، شاهد شمع جا شعلا ٿيا،
عشق آهي آگ، پروانو رڳو پهچڻ نہ ڏيو.

هِير سگھندي وٺي مري ۽ حور سگھندي پٽي جيئي،
سونهن کي ڇو آ سِکايو ويو مونکي سوچڻ نہ ڏيو.

سيج سسئي کان چُٽي ۽ ڪيچ آريءَ کان ڇنو،
عاشق ۽ معشوق کي جهنگل ۾ ٿي گڏجڻ نہ ڏيو.

عيد کان اڳتي مهينو دوستو ماتم جو آ،
عيش ۾ استاد کي توروئي پر تڙپڻ نہ ڏيو.

⬠

○

سُور آهن ڪانٽا سي ڪاڍبا، پر ڪيتري تائين؟
دَم– دِلاسا ويس سمجهي پائبا، پر ڪيتري تائين؟

مشڪلون چوڦير پنهنجون محفلون گهيري ويون پيارا!
راحتن جا راڳ ڳولي ڳائبا، پر ڪيتري تائين؟

(١) سانجهہ نايو، صبح ايندو، صبح نايو سانجهہ مَن پهچي،
ڏينهن، رات اٿلائبا پٿلائبا، پر ڪيتري تائين؟

يونءِ ۽ اپ جي وٺي آهي چڪور ۽ چنڊ ۾ ٿي وٺي،
نيڻ، نيٽن سان رڳو سرچائبا، پر ڪيتري تائين؟

تون سَتين سَن ڪي سنيارين ٿو، هِي ويهين صدي پهتي،
دَور دنيا جا مِيان موٽائبا، پر ڪيتري تائين؟

ڪير اوير جي ابي، اولهہ جي آتا ڪان پُڇائي هِي،
عرش تي آتش فشان سَترائبا، پر ڪيتري تائين؟

تيز اوتر سمنڊ ئي سانديي سگهيو ناهي بُخاري سو،
نيٺ واڪا ڳوٺ ڪان ڳيتائبا، پر ڪيتري تائين؟

⬠

---

نايو = نہ آيو.

تو ري منهنجو روح خلا ۾.
باقي بُتُ آ وات - بَلا ۾.

جِيوَن مون انعام بنايو،
تو تہ ڏنو هو سخت سزا ۾.

باک، شفق جي پوتِي پاتِي،
تو تِيئن ساندي سونهن حيا ۾.

چُپ چُپ چَپڙا، ڪجھہ ڪجھہ چوري،
گُم سُم بوسا ڏي نہ هوا ۾.

درد مگر شاعر جي دل ۾،
دوست وجهي ڏيو دادُ، دوا ۾.

خوشيون منهنجون خونُ ڪيون ٿي!
ڏي ڪي بوسا خون- بها ۾.

تنهنجو منهنجو ميل بخاري،
جِيوَن جوڙيو جُهد- بقا ۾.

ڪلهہ جي ڪک ۾ اڄ جا سپنا.
اڄ جي اک ۾ تازا سپنا.

ڀِرهہ ڦٽي، ڀريات ٽُٻي پئي،
تا تہ ڄمي پيا ٽڪڙا سپنا.

شهر سمورو ڳهر وڪوڙيو،
ٽنيا، ٻنيا، ڪنيا سپنا.

يَنيي يونءِ نپائيندي پئي،
مائو ۽ لومبا سپنا.

ميزائيل مٽي ۾ پائي،
گول لهي پيو گندا سپنا.

سپن جي ميڙي ۾ سيڪو،
ووڙي پنهنجا پنهنجا سپنا.

آس، اڇا جا کھڙا ڪاڇا،
جيڏا جذبا ايڏا سپنا.

جھرڻ هينان، ڪرڻ سامھون،
رات نچيا ڪي ننگا سپنا.

آزادي اعلان بخاري،
سايان بنبا سچا سپنا.

○

ٻڌهندڙ پڇن ٿا: نثر ۾ ڇا لئي نہ ٿا لکو؟
قافئي، رديف، شعر جي اولي ۾ پيا لکو.

مان ٿو چوان ڇڏي ڏيو مضمون مُنهن ڏِکيل،
پيرين، متي اگهاڙا عنوان ٿي ڏسو.

هن شهر جا نظارا آتا، اُجا، بُکيا،
تنهنجي اڳيان نہ آهن، منهنجي اڳيان اِجهو!

بيمار ماءُ، ٽڪڙو، ڪِڪڙي ٽٽي پٽن،
لرزي ويون زڪاتون، صدقو ڏڪي ٿو پيو.

ڪلهہ هُن کي نانگ ڏنگيو ۽ منڊ هن پڙهيو.
اڄ هِن کي وات ويندي ڪائي ويو ڇتو.

هڪ ديو منهنجي تر ۾ هائي پريون ڪڙيون،
ڪنهن دور جو پراڻو ڪوڙو نہ آ قصو.

او ڏاند گاڏي وارا، ڪيڏو ڏِگا ٻڪائين!
هو ڪار وارو آهي توڪان گهڻو تڪو.

ڏيندو نہ آهيان يارو ڏور ۾ ڳجهارتون،
ڪولي اندر رڪان تو سولو صفا سڏو.

اهڃاڻ ۾ اشارا سياڻا گهرن گهڻا،
ليڪن لڪين چون تا چٽو ڪجھ اجا چٽو.

⬠

○

سوچ- سج تي ڪو ڪڪر ڇايو آ ڇو؟
ڄَر متان ڄارو الا، ڄايو آ ڇو؟

ڀونءِ ٻي واهيون ڀِٽون، سانگي سَٿُون،
عڪس هي ايري اڳيان آيو آ ڇو؟

ڇِرڪندي، ڇُهندي ٻہ ڇيهون تا تيون!
عزمُ پنهنجي قومہ جو ڪايو آ ڇو؟

ڪِڪ، خوشبو ۾ لِڪي، ناسُون وتيون،
ٻُوءِ، بدبو، راڄ جو رايو آ ڇو؟

ڏينهن اوڏو آ، گهٽا منهنجا گواهہ،
چنڊ، تارن، رات شرمايو آ ڇو؟

”لاک لاهيو سجَ جي، ابتو ٿنگيوس“،
باکَ، ڳاڙهو ڳيچ هن ڳايو آ ڇو؟

ڏينہ آزاديءَ جا دلدادا جواب!
ڏات کي استاد تو ڏايو آ ڇو؟

⬠

○

هاءِ وٺي ويا يارن هوندي، اڳ اغيار.
محبوبن منٺارن هوندي، پڄرن پيار.

ڪَڪر ٻُرا يا پلر رُڪا يا پَڏر ڪُڏا؟
وسيءَ وسيءَ وسڪارن هوندي، تاسَ تنوار.

آءُ چوان ڇا، سياڻا ساٿي سوچو پاڻ،
آوتارن، ريٻارن هوندي، مارو مار.

(۱) مَن موهن تمر، ڏيل ڏِجي ۽ هاڻُ ڀنيور،
ڪنڊر ڪنڊر هينڱڙي هوندي، مان مينار.

ڀنيٽ ڀنيٽ ڀونءِ، حبيبي حيا حيا!
بيروتي بمبارن هوندي، شوق شڪار.

لاٽ لطيفي، عشق عنايت ساڻ هجي،
ها تہ هجي يڪتارن هوندي، تيغ ترار.

وهم وڪوڙيا آهن ورنہ هينئن حمير،
ڇٽني پاسي چارن هوندي، سُڪَ سنگهار؟

توڪي دلڙي ٽاڊن سگري ڪوئيان آءُ،
چوڌاري چمڪارن هوندي، ڇائِي ڇار.

(۱) موهن: موهن جو دڙو (۲) ڏِجي: ڪوٽ ڏِجي.

ڪالهہ مُنهن ڪارو رقيب آيو تہ مونکان "دل" ڦري.
دل ڦرڻ ڪان دلشڪستو ٿي، ويو محفل ڦري.

غيرتون، تلوارَ مڙسن ڪان ڪسي سگهندي نہ آ،
تون ٿي چئہ تاريخ، دودي ڪان سگهيو ڪو دل ڦري!

ڏُور جا دوڪا ڏٺي سيڪي وئي واعظ وٽين،
بس بچي ڏرتي سا مونکان خود خدا مشڪل ڦري!

ڪنهن بہ ٻڪري ڪوبہ ڪاسائي ڪڏهن ناهي ڪٺو،
ڪاتَ جو دستور آ، قاتل ڪان ڪو قاتل ڦري.

پار پهچون پر ڪنارو سامري واري رَسي،
ڪو نٿون موسيٰ مَچي هي ساحري ساحل ڦُري.

قافلا لُٽبا هٿا، رقمون وَٽون ڦرُبيون هيون،
هي نياڳي رهزني ٽي ماڳ ڪان منزل ڦري.

ٻُونءِ ناهي ٻار جنهن ڪان چُرچَ تي چالاڪ ڏَور،
جاهلن جا جهُنجهٽا ڏيئي وٺين عاقل ڦري!

دوستو، استاد اهڙي حادثي تي ڇا لکي،
ڏنُڌ دولت جو پڪيڙي آنڌ تو عادل ڦري.

○

چا تہ تشبيه هئي، جلوو، جذبو!
رنگ گلشن جو تي اُسَ سان ڪيڏيو.

گهُور سان گهُور، افق جو گهيرو،
ڪوتہ ميلاپ ٿيو تنهنجو، منهنجو.

ڏيان جي پُونءِ دکن سان پَرتُو،
آسَ جو أپ وڏو پر ڪوڪو.

تنگدل عُمر ڪيو هو ڪَڪ نہ تہ،
ڪيترو وقت هو منهنجي آڏو!

سونهن جي برف پوي تي پگهري،
جي هجي عشق جو ڪوسو بوسو.

اڄ تہ استاد سان آجو اورِجِ!
جو تہ آزاد آ قافيو ڪيڏو!

⬠

○

ڏينهن ٿيا مهراڻ اڙيو، وهڪرو ويو پَر ڪري.
پيش پيو هرڪو ڏُبي پنهنجي جي هاٿي چر ڪري.

گگهہ اوندهہ چانوٺيونَ شعلن جي سينن ۾ هنيون،
ڪِڪ ٿي خوشبوءِ تنهنجي سَنڌ سنڌ ۾ گهر ڪري.

ترجمي جي لاءِ منهنجي شاعري تڙپي ٿي پٽي،
ڪوتہ گونگي گفتگو جي ترجماني ير ڪري!

گهر گذرگاهہ آهي بنجي ويو، وراندو شاهراهہ،
بزمہ ڪي بازر چڙيو آ ڏور بازيگر ڪري.

بحث ڏِيئي، شمع، تاري، سج جو بلڪل فضول،
رهبري ان جي بِلي جو روشني گهر گهر ڪري.

ڪينسر جو تونہ ڳوليو آ اجا تائين علاج،
مان مري ويس، او عظيم انسان، تنهنجي ڍَر ڪري!

چر تہ ناهي جو چِلي، استاد آهي ڪيرتر،
آسمان ڪي چٺو يلي اوتر مٿان اوتر ڪري.

⬠

○

اِڪ اگهاڙي تي لِڪي لهرون ڏَڪي.
دِل بڪاري باھہ جا شعلا ڦڪي.

زندگي يا وهڪرا يا زلزلا،
جيستائين جَر تڪي يا ٿَر تڪي!

ڪِڪَ، خوشبو ۾ لڪائي تي هوا،
بيت بازيءَ جي بهاني تي بڪي.

ڳِگَ پاري ڳوٺ ساڙيا ۽ نہ مون،
باھہ موسم جي مٿان بيٺي بڪي.

ايتري ايٽم بمن ناهي ڦٽي،
جيتري ڏوڏ آ وِڏي ڏرتي ڏڪي.

دوستو، ڌرتي بہ ويندي آ ڏُڏي،
ڏوھہ ڪهڙو جيڪڏهن دل تي ڏڪي.

آءٌ آهيان ڏَوُر جي ناهيان تہ ڏرَ،
هي پڪو نڪتو پڙهايو ڪنهن پڪي.

چنڊ کي ڇهنيس تہ ڪونيس ڪهڪشان،
ٽانگهہ تي هر ماڳ تي اڳتي تڪي.

گفتگو منهنجي ڳلي پنهنجي منجهان،
ڳائڻا استاد ڳائيندا تہ ڪي!

⬠

ڏٺي جهير نٿين آس جو احساس نہ جهوريو.
انگ انگ امنگ آهي رڱو ساز تہ سوريو.

گجگاهہ بنيو گاهہُ، انهي گاهہ کي گُڏَ ڏيو،
آڙاهہ اُجهائو بہ تہ ٽاندا تہ ٽڪوريو!

سنسار جي گهوڙي تي چڙهيو گهوٽ زمانو،
ڪو مِينهن ڪو طوفان ڪري گهور تہ گهوريو!

هو باک رڱيو مَهڪ کي ۽ شام، شفق کي،
ڪو ڪنهن کي ڪڪوري پيو، ڪنهن، ڪنهن کي ڪڪوريو.

جذبات ۾ ايڏو نہ ڏڪو، ڪاتَ سنياريو!
مون ٿهر چيو، هُوڙهہ ڪري قُربُ نہ ڪوريو!

استاد جي پيغام جو انعام اهو آ:
هر دَور جي تاريخ سان تحريڪ تي اوريو!

هر ڪُوڪ نکي تيز تي ڪاتي نڪتي،
پر جڻ تہ جِيَر وقت جي ڇاتي نڪتي.

جيئن تيز وَسن نيڻ، ڪڏي دل شعلا،
هي باھہ تہ برسات جي تاتِي نڪتي.

مشهور هو؛ هر ڏينهن تي جُهومي گذريو،
پر ڪُوڙ هو، هر عيد تي آتي نڪتي.

تي ڏور ٻُڌيسين اچا ڪيڏي ٻہ نہ آ،
نزديڪ ڏٺيسين تہ هو ڪاتي نڪتي.

سٺ سال جيُسِ، سال جو هڪ هڪ لمحو،
ڪنهن ٻار جي ڪنهن جهنگ ۾ جهاتِي نڪتي.

مختار بہ مجبور تہ مشهور بہ رسوا،
استاد جي ڇا ڇا تہ حياتي نِڪتي.

○

هائي نہ چِتو تاءِ، تِڪو ڏينهن نريو آ.
هائي نہ وڌڻ لاءِ صحيح وقت سريو آ.

دل، ديگ تتي عشق جي، هت، برف ٿڌا ڇو؟
ڇا جوش وڃي هوش جي جهوليءَ ۾ ڍريو آ!

هي ٿاڪ جو ڳاڙهي ۽ اها ڌاڳ جو ڪاري؟
ڇٻبو نہ انهي ماڳ تي ڪو مڇ ڀريو آ.

هِت پوئتي هڪ پهر بہ موٽي نہ سگهيو آ،
هڪ شور آ؛ هڪ ڏَور وريو آ، ڙي وريو آ.

دل، ديد ڪي همدرد تي هڪ ڏينهن ٻُڌايو،
مون ڏوهہ ڪيو آهي ۽ تو ڏنڊ ڀريو آ.

هن شوق لڳاتار ڪي آ حسن جي ڳولا،
ڪلهہ ڪاڪ تي، اڄ چنڊ تي انسان چريو آ.

تعمير ۽ تخريب تي تنقيد ڪريو پيا،
سنسار اهو آهہ، ڪِڙيو آ يا ڪرَيو آ.

برباد بہ آباد آ استاد بخاري،
ميهر جو ٻُڌي ماس ويو واسُ ترِيو آ.

⬠

هو ڏيهہ تي ڍڪار ڏڪن جو.
گهر، گهاٽ ۾ سُرباٽ سڪن جو.

ساوا بہ ڏڀي آگ ۾ ويندا،
ساڙيو نہ جگر يار سُڪن جو.

مَيرن تہ تريون تيز چَپاٽون،
سَهمن تہ مُڪو روُپ ٻُڪن جو.

پولار ۾ پرواز گِجهن جا،
بازار ۾ آواز ڪُتن جو.

ڪِيئن عاشق ۽ معشوق ٻُڏا پئي،
هي عشقَ ڏٺو ڪيس ڪُنن جو.

ڪنهن نظم جو هر بند وٺي چو،
ڪو ڳوٺ سڄو ناهي سُٺن جو.

هر دَور ۾ تعبير ٿئي پئي،
استاد لڌو خواب جُڳن جو.

O

سانوڻ، سياري ڪي پنهنجي پنهنجي خُو.
گرمي، پاري ڪي پنهنجي پنهنجي خُو.

راتارو تارو، ڏينهارو تارو،
تاري تاري ڪي پنهنجي پنهنجي خُو.

گنگا، جمنا ڪي، سنڌو، دجلا ڪي،
ڌاري ڌاري ڪي پنهنجي پنهنجي خُو.

دل ۾ ديپ جَلي، اک ۾ ڦول ڪِلي،
جاري جاري ڪي پنهنجي پنهنجي خُو.

اولهہ، اوير جو تون تو ڦير ڪتين!
ٻاري ٻاري ڪي پنهنجي پنهنجي خُو.

پنتي ماضيءَ ڏي، اڳتي آئيندي،
چاري چاري ڪي پنهنجي پنهنجي خُو.

”ڏاڍو سو ڳاڀرو“، ”جيئو، جيئڻ ڏيو،“
نعري نعري کي پنهنجي پنهنجي خُو.

هڪ ساهيڙي جو ٻيو آهيڙي جو،
ڳاري ڳاري کي پنهنجي پنهنجي خُو.

قاسم ڪالهہ ملهيو، استاد آهہ هينئر،
واري واري کي پنهنجي پنهنجي خُو.

الائي تہ چا چا وچايو وجي تو.
هِتي أيءَ هو کو، نہ ڳولئي ليي تو.

يري چِرڪ تاريخ، تحقيق تڙپي،
جمِي بُرج ۾ سچ، گنوجي وجي تو.

ڪتي باھہ جو بُت ڳگاٽيو پيو آ،
ڪتي برف جي دل ۾ يميٽ ٻري تو.

جڏهن بوجهہ غم جو وڏي تو، رئان تو،
ڳرو بار پائيءَ ۾ هلڪو لڳي تو.

غريبن جي دل آهي باڙي جي بازر،
جتي روز ميڙي ۾ جهيڙو مچي تو.

سڏيون چو نہ مسڪين اندو اوهان کي،
نہ لولو نہ چولو نہ اولو ليي تو.

ڪريو فيصلو جلد جڳ جو تہ چاهي،
هو جنت چوي، هي جهنم چوي تو.

فرشتہ پٽيو وات، حُورن ڪنايو،
قيامت ۾ استاد قطعو پڙهي تو.

○

مون ڏنو جاڳ ۾ ڪو خواب هو انڌي وانگي.
تي اها ڳالھہ ڪيم ڳوٺ سان گونگي وانگي.

مون ڏنو پيار، منگيو پيار جياپو سمجھي،
تو ڏنو ڏيان بہ بازار جي ڏنڌي وانگي.

آہ طوفان، ڪٿي هِير هِتي پھتو هان،
ڪُوڪَ ڪٿي تنهنجي ڪچھريءَ ۾ مون رونگي وانگي.

ڏُور پاتار ڪان پولار اڏامي، ڊوڙي،
قوم هر موڙ تِڙي راھہ ۾ لنگڙي وانگي.

توڙي هر پھر ڏني جڻ تہ صدين جي پيڙا،
پوبہ هي عمر لنگھي راند جي وقفي وانگي.

گيت استاد جو غمگين مسافر تي لڳو،
بزم تنهنجي تي وٺي شهر جي رستي وانگي.

⬠

○

صبح شام جي سمڪ ڪاٿي؟
ڏينهن جو چنڊ جي چمڪ ڪاٿي؟

زندگي مون مڃيو مدامي آ،
پاڻ کي پهر جي بہ پڪ ڪاٿي؟

ديد ٿڙڪي پئي دل بہ ٿڙڪي پئي،
عشق کي لوڪ جي اٽڪ ڪاٿي؟

هيل احساس ڪمتري ورتو،
هيتري يار هٿي هبڪ ڪاٿي؟

عيش ۾ چرڪ هي ڇهين حس جا،
ڇير کي ڇڻ لڳي ڇمڪ ڪاٿي.

ٻُٽڪندو روئندو بخاري ويو،
باھ جي دل ڪڏي ٻڙڪ ڪاٿي.

يار ڇڏي ويا ڇا ٿو سوچين، پنھنجو پاڻ بہ ڇڏڻو پوندو.
لوءِ لوءِ ڪارڻ سِڪ سڏڪين ٿي، لڱ لڱ مان بہ تہ لڏڻو پوندو.

ڇم ڇم پر ھي غم جو نغمو، ٿو ڪين ٿو ٽون ڪوڪ ڪيم ڇو،
ڪو جو ڏنگ لڳي ٿو گھرو، ٿورو ڇرڪ تہ ڀرڻو پوندو.

پاڻمرادو ھوت نہ ملندو، ھوت تہ ڇا پر موت نہ ملندو،
ڪوتہ ڪشالو ڪٽڻو پوندو، ٽٽڻو پوندو ٽڏڻو پوندو.

خاڪي سان گڏ نُوري ڇوندي، فاني سان گڏ باقي ڇوندي،
ماڻھو تنھنجي، مان رکڻ لئہ، پاڻ اسان کي پڏڻو پوندو.

ويس بسنتي، خوشبو وايون، جو تون راھون، جھرمر جايون،
اھڙي سھڻي سپني ۾ ئي آڪيرو ڪو اڏڻو پوندو.

ھِن جو پيلو، ھُن جو نيلو، ڪنھنجو ڪارو ڪنھنجو ڪمرو،
گلدستي ۾ گيت بخاري، توکي گلابي گڏڻو پوندو.

○

مبارڪ! پلصراطي پيچري تان زندگي گذري!
قيامت هئي نسوري، اڌ صدي، پر ساہ تي گذري.

زمانو هو بيابان، مُنهنجي وِڪ وِڪ پر خيابان هئي،
لڳو ٿي دوزخي دڳ تان سواري جنتي گذري.

گهڙي محفل ۾ مٺو هو، گهڙي مقتل ۾ ملهٺو هو،
دما دم ڪشمڪش ۾ پنهنجي پُوري زندگي گذري.

گواهہ آهن ٻِنا ياڪر، ڏٺا بوسا جوان وِچ جا،
وَهي منهنجي ڇهي شعلا، شرارن ڪي ڇُمي گذري.

الائي دلڪشي ڪهڙي آ، آئيندي جي ديدن ۾،
تڪيندي، سهڪندي، ٻڪندي ٿي ايڏهن هرگهڙي گذري.

مِنو هو يا ڪڙو پر عشق جو آواز پٺي گونجيو،
لَنگهيو ٿي چيٺ ڳائيندي، ڪندي ڪوڪون ڪتي گذري.

جڏهن تنهنجون ملاقاتون بہ ٿي ڪاتيون ڪتيون اک ۾،
تڏهن عيدن جي ڏينهن تي بہ ٿي ويڌن وڏي گذري.

اڪيلائيءَ جي موسم ۾، اداسائيءَ جي واديءَ ۾،
تصوّر جي أني برسات، يادن جي ندي گذري.

بخاري، زندگي محبوب آ، هڪ هڪ ادا هنجي.
ڪڏهن سهٽي سُکي گذري، ڪڏهن ڏادي ڏکي گذري.

⬠

○

محبوب موجَ تنهنجي مَستي نہ تي پوي.
سنجيدگي لڪن جي سَستي نہ تي پوي.

تون جام جام تي ٿو هٿ ساڻ پاڻ پيارين،
غلطان تي ڪٿي ڪا غلطي نہ تي پوي.

سنڌوءَ ڪان سِيند سهُٽي، ترتيءَ ڪان دل ڪشادي،
سنسار، سا تہ منهنجي سَرتي نہ تي پوي.

روڪيو نئيو وڇوڙو، وگهري متان وڏو ٽئي!
هلڪيءَ منهنجان ڳري هيءَ ڳڻتي نہ تي پوي.

ايڏو نہ ڪو اڏامي هلڪو سڏي زمانو،
هستي يلي هجي پر پستي نہ تي پوي.

پڙڪن هزار بجليون، تنين لکين تباهيون،
برباد رنگ بوُ جي بستي نہ تي پوي.

استاد سان اُتوتي ايڏو نہ تي زمانا!
اڳتي هلي هي تنهنجو سنگتي نہ تي پوي!

⬠

اڄ آسمان، لاش تي ڪارو لٽو لڳو.
ڌرتي سڄي شهيد جي در تي تڏو لڳو.

هي منهنجو ڏوهہ هو جو مون ۾ ماڻهپو بہ هو،
جنهن رول ڪي اَجهو تي ڏِنہ سو ڏچو لڳو.

خوشبو ڪي بانس، روشنيءَ ڪي ينب گهيريو،
جنت جي باغ باغ ۾ دوزخ - اڏو لڳو.

ايڏو عذاب، ڪيڏو، اهو هِن مان سمجهو جو،
هڪ ڏينهن تي هزار ورهيہ ڪان وڏو لڳو.

بعضي جهاز تِرندو ۽ ٽاٻرندو تي هليو،
ڪِٿ ڪٿ تہ تي هوا ۾ بہ ڪوبو، ڪڏو لڳو.

تصوير عُمر پنهنجي سڄي جي مَري ڏِنہ،
جڻ پيرُ هو ڪو ڍاب تي سو بي ڍَٽو لڳو.

تقرير جي ڪمال ۾ ڪيڏو زوال هو،
لفظن جي هيرڦير ۾ ڪُوڙو، سچو لڳو.

تِي اوچتو پُڪارَ ، بخاري تيار تي!
هر ڪم جو هٿ ۾ هو سو اڌوگابرو لڳو.

(۱) تڏو: عذر خواهي يا فاتحہ پڙهڻ لاءِ تڏو ڪرڻ

اسان جي پُور تي پَلجن پريشانيون.
سُجهن تا سُورَ جي سَلجن پريشانيون.

حياتي تي وڏي تيئن ٿيون وڌن ويتر،
گهٽايون، پر نہ ٿيون گهٽجن پريشانيون.

اوهان آيا، اسان ٽهڪيو، اندر مَهڪيو؛
هنيون نعرا ٻَهر نِڪرن پريشانيون.

اوهان آنسو چئو، موتي چئو، جو چئو،
اکين ۾ ٿيون چِٽيون چمڪن پريشانيون.

هي دم آهن تہ ڪم آهن تہ غم آهن،
اسان جي جِند سان جِيئن پريشانيون.

سُڪون ۽ سانت، مشتاقن لئہ موت آهي،
لُڇن، لوچن، ڪُڇن، ڪُوڪن پريشانيون.

اها جا آنـڌ مـانڌ استاد جي آهي،
تہ ڪنهن جي لاءِ پيون تڙپن پريشانيون.

نہ توکي لهون ٿا نہ توکان ليون ٿا.
يڪو هڪ ٻئي کي وڃايون وتون ٿا.

اسين سمنڊ ناهيون جو ڪو ڏنگ روڪي،
اسين وقت وانگي اورانگهي لنگهون ٿا.

نہ ڪو عشق چرچو نہ ڪو حسن چَسڪو،
ٻنهي جي مچڻ ۾ پچون ٿا نچون ٿا.

پري ڪان نهارين تہ ٿائيون ملڻ لئہ،
ملون ٿا تہ اڳتي ڪان اڳتي وڌون ٿا.

گهڙيءَ ڪي گهڙي زندگيون ٿا سنواريون،
ڪتيءَ کي ڏسي ڪهڪشائون ڪتيون ٿا.

لُڇون چونہ جاني، پُڇون جو نہ پيارا!
نِگاهون اٿئون ۽ زبانون رکون ٿا.

دوا ٿي اها آ تہ ٿيون درد ياٿي،
جدائي ۾ بيجا بخاري رَجهون ٿا.

○

منهنجو سڀ ڪجھہ سچي، پچي ويو آ.
تنهنجو انگ انگ تي چپي ويو آ.

آسرو ڏير هو ڪپي ويو آ،
هڪ نئون پروسو ليپي ويو آ.

پيچرو انچ انچ تاندا هو،
رند کو تچڪندو ٽپي ويو آ.

ترس هائي نہ، نان هڻ بوسا،
شوق تندور تي تپي ويو آ.

جستجو نئين جنم جي جيون کي،
هڪ جنم بيو جنم تہ جي ويو آ.

سونهن تو جي کٽي ستار ڪٿي،
نينهن منهنجو بہ تي نبي ويو آ.

ٻاهران جهومندو بخاري ويو،
دل منجهان زلزلو لنگهي ويو آ.

⬠

هي زلف هي زنجير، نئين سال جو تحفو.
هي نيڻ تِکا تير، نئين سال جو تحفو.

مشتاق ڏي معشوق ڪڏي موڪلي آهي،
منصور جي تصوير، نئين سال جو تحفو.

خوشبوءِ جي آلاپ ۾ بدبوءِ جو نياپو،
هِت آئي ڪٿي هِير، نئين جو تحفو.

هڪ هٿ سان رکي وقت ڦٽن تي مرهم،
ٻئي هٿ سان ڏِنئين جهِير، نئين سال جو تحفو.

پر سال مُڪا مِير، دلاسا ڪٿي تر ڏي،
تعويذ ڏِنس پير، نئين سال جو تحفو.

تا باز چون مور اسان ساڻ مِلايو،
تا نانگ گهُرن ڪير، نئين سال جو تحفو.

سنسار کي پيغام ۾ استاد ڏئي تو،
انسان جي توقير، نئين سال جو تحفو.

○

مان تہ سمجهان تو توکي مَن وانگي.
فِڪر کي تو عزيز فن وانگي.

ڏيان تنهنجو اتاهہ ڏن تو لڳي،
پيار تنهنجو ڪپيہ آن وانگي.

منهنجا بوسا وَلِر پکين جا ها،
تنهنجو جهوميو بدن چمن وانگي.

ٻوءِ، گل مان نِڳي تہ ننگي هئي،
واءَ پاتئين ڪٽي لٽن وانگي.

رات پهچي وڏي لفافي جان،
ڪوڙ تارا پڙهان خطن وانگي.

جي جلون تا تہ پو جوالا تي،
خلق کِلندي ٻرون ڪکن وانگي.

لفظ ڇا لاءِ يار ڳولين ٿو؟
مون سان ڳالهاءِ دوستن وانگي.

تنهنجون ڳالهيون طويل تاريخون،
تنهنجو ڪمرو مِنو وطن وانگي.

عُمر استاد جي وڏي نہ سگهي،
شوق اِينگهه لڳو جُڳن وانگي.

○

سونهن جي گود ۾ اڇان تو مان.
موت جي پهچ کان بچان تو مان.

هي تہ ڏس آسمان، ڌرتيءَ جي،
جهول ۾ ڪيترو جڇان تو مان.

شرم پيلو تہ شوق ڳاڙهو آ،
ڪرمچي رنگ ۾ رچان تو مان.

رات جي ٻاٽ، سرد آ سڀ ڪجهہ،
تون بہ تيلي تہ هڻ مچان تو مان.

لوڪ ڀانيون لڇي ٻخاري تو،
نينهن سمجهي تو پيو نچان تو مان.

⬠

○

دل تہ ڏکي تي سِگري رانگي.
ديد وسي پٺي ڪڪري وانگي.

صبر سِبي چا تُنبيل دِلڙي،
ٿَهمر تي وٺي ٽِڳڙي وانگي.

جِيوَن- جورو چوڙيان تو پيو،
موت متي تي پڳڙي وانگي.

ٽَڪرن جهڙا ماڻهو، ٽائي،
جي نوڪر ۾ نِڪري وانگي.

پاڳل لنگهٽي چندُ تڪيو پٺي،
گول لڳس تي ڊڳڙي وانگي.

سونهن بخاري رڳ رڳ ڊوڙي،
چاهت چنبڙي چمڙي وانگي.

⬠

○

جذبات جي ڳالھ نہ ڪر، ھڪ آڳ جو ساگر ھو.
ان رات جي بات نہ ڪر، ان رات تہ اوتر ھو.

ٻانھن ٿي ٻنھي تنھنجي خوشبو ڪي وڌو ياڪر،
ھڪ ساھہ جو اندر ھو، ٻيو ساھہ جو ٻاھر ھو.

ماحول ۾ مستي ھئي جو جھول ۾ جوين ھو،
آڪاس نچيو بيٺي، چوڏول ۾ جرتر ھو.

ھڪ عشق ببرنر ٿي گجڪار ڪري گذريو،
اڌ عمر تہ جھنگل ھو، اڌ عمر رڳو بر ھو.

ھڪ شوق ھو جو پاڳل، ھر روپ لڳو پوڄڻ،
ٻيو ڪوبہ نہ ھو حاضر، محبوب جو منظر ھو.

ھر چئونڪ تي پھچي مون ميزان ڪي پٺي ڳوليو،
مونکي ھي پتو پيو ھو، ھن شھر ۾ محشر ھو.

ھو يار سان خار ڪنو، استاد بہ اڌ ٿي پيو،
ھڪ ديد ۾ بھتر ھو، ٻي ديد ۾ بدتر ھو.

⬠

اڌا سائي عطر ناهي جو ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيان.
اڪيلائي غزل ناهي جو پنهنجي منهن ڇپي ڇڏيان.

جواني آهي جنهنڪي اڳ رڳ رڳ ۾ لڳي وئي آ،
ڪهاڻي ناهي جا ڪنهن نوٽ بوڪ ۾ ٿي لکي ڇڏيان.

ڇَپن سان نہ تہ ڇُني، چولي جي دامن سان اگهين ها مَن،
گهڙي ڪن پير هيڏي ڪر تہ هي ڳوڙها اگهي ڇڏيان.

نہ ٿو جاني نہ ٿي ننڊنڊي اچي، ميجري ڇوان ٿو مان،
نپوڙي چنڊ جو چهرو، ڪتي، تارا ڇِني ڇڏيان.

محبت تنهنجي سُرهي سرخرو تازي مِٽي ماڪي،
سموري جي نہ ٿو ڏين، ٿوري ذرڙي ڏي چکي ڇڏيان.

گهڙي ڪانپو مِٽيءَ جو ڍير هوندس، هينئر سوچيان ٿو،
نچڻ جو موقعو ناهي تہ ڇاهي، ڪجهہ لڇي ڇڏيان.

جي جيئنٿو آهي جڳ جڳ سوبہ انسانن ۾ عزت سان،
تہ پو ملهجي مرڻ ابن- علي توڪان سِکي ڇڏيان.

نيايان رنگ بُو سان دوستي، استاد چاهيان ٿو،
سِٽون ڇَڪيون ڪري ٿو يار، راهن تي رکي ڇڏيان.

مجبوري آ هِت هر ڪنهن کي، مجبوري مجبوري جهڙي.
ميهر لئہ سَر سُوريءَ جهڙا، سهڻي لئہ ڪَٽ ڪوريءَ جهڙي.

ڪنهن جو ڪنهن کي لاتو ڄاتي، وچ ۾ ٽپي پئي ڦهري ڪاتي،
هن جو ڳاٽو ڄڻ تہ ڪدو هو، هن جي ڳِچڙي موريءَ جهڙي.

هڪٻئي کان سڀ سهڻيون آهن، ڪِلمڪ، دل- مِن مهڻيون آهن،
ٻيڙ ٻيڙ منهن، جهجهڙ جهجهڙ دل، ڪَابہ نہ آ هُنَ ٻُوريءَ جهڙي.

ٻَرندي شمع ۾ رقص ڪرين ها، شعلا شعلا گيت چوين ها،
ڪک، پن تي ويهي پروانا، ڀُڻڪ نہ ڪر ڀنيوريءَ جهڙي.

ينشرو تي ڇُو ڦير ڦران ٿو، دم دم گونجي داد ڏيان ٿو،
تنهنجي تن ۾ خوشبو آهي، شعرن جي مشهوريءَ جهڙي.

خاڪي، نُوري عشق بنايو، عشق جو ڪِرندڙ وچ مان جايو،
عشق ڊڪيو جا ڏوڙ اڏائي، سابہ تہ چمڪي نوريءَ جهڙي.

طياري ۾ اڏرڻ وارا، پر ڪتريل ٿنڀي پڇري ۾ آن،
تنهنجي ٻولي طوطي واري، تنهنجي روزي چوريءَ جهڙي.

هي سارو سنسار الاڙي، آنڌاري ۾ آهي ڏياري،
سسئي- دنيا رڻ ۾ ڳائي، ڪوهياري، معذوريءَ جهڙي.

چاندوڪيءَ ڪان هِير ٻُڏي وئي، هير ڪان ساگر- وير ٻڏي وئي.
تنهنجي واتان رات ٻخاري، ڳالهہ ڪُلي خستوريءَ جهڙي.

ڪاڇي قلات وانگر مون زندگي گذاري.
بعضي جهڪون ۽ جهولا بعضي مزا، بهاري.

همدرد تي وٺي مون سان هرچيز هن خطي جي،
ٻيلا سڪي سڙي ويا، سنڌو ڏڏڙ اتاري.

ڪنهن ڏور ۾ اڇي وٺي يا زور آهي روڪي،
پهتي نہ توڙ تائين جا آه مون اڏاري.

ڪٿجي تہ ڪيئن ڪٿجي دل داغدار منهنجي،
ڪجھ مون روئي اُجاري ڪجھ تو ڪلي اجاري.

جو ڏور ڪان تڪيوسون چوڏهين جو چنڊ آهي،
ويجهو وڃي ڏٺوسون بيڪار چار ڪاري.

هي ترشڪار گاهہ آ، هيٺان شڪار آهن،
هر زور وارو ماڻهو آهي بٺيو شڪاري.

ڪنهن تي وڃي پڪاريان ڪنهن وٽ وڃي پڪاريان.
انسان ئي ڪٺو آ، انسان ڪي بخاري.

سڀ ملڪ مہ لقا پر هي ديس دلربا آ،
گهوري ڇڏيان بخارا، دادوءَ مٿان بخاري.

ماڻهن جا تہ ميڙ آهن، ري پيار اڪيلائي.
انگ انگ امنگ آهن، پر دل ۾ اداسائي.

رنگ آس جو سونهري، جذبي جو گلابي آ،
پيلي آ پريشاني، نيلي آ نراسائي.

ڪٿي سال سِڪي دلڙي، تولاءِ تہ پئي تڙپي،
تون آئين تہ وئي چنبڙي، تون ڇٿين تو ابهرائي.

مون سونهن کي وڌ ۾ وڌ سيني سان لڳايو آ،
تون پيار جي اڄ دلبر ڪر ڪجهہ تہ پذيرائي.

سرخي سان ۽ ميندي سان دل، ديد جي دلچسپي،
زلفن سان زنجيرن سان تن، من جي شناسائي.

جيئن جهڙ ۾ کنوڻ تڙپي، جيئن جنگ ۾ رڻ گرجي،
بي چين ۽ بيباڪ آ، ايئن عشق جي آتائي.

بندوق جي قد جيڏي، ته خاني جي تر جيڏي،
انڌير جي اوچائي، انڌير جي اونهائي.

ڪو ٿهر ڪهي نہ ڪُسو، ڪو ترب ڪهي تہ بہ چو،
رندن ڪي قبول نہ آ، ڪنهن ريت بہ ڪاسائي.

جنت ۾ غلامي هئي، دنيا آ ڪليل ڪولي،
نہ ڪو ڪلهہ هئي آ جائي نہ ڪو اڄ آهي آجائي.

ارمان، اميد ڪندي هي عمر ائين گذري،
هونائي صفانائي، مون سمجهو اِجها آئي.

هر ظلم جو قاتل آ، هر گهُور جو گهائل آ،
هِي شهر جي گهر گهر ۾ استاد جي رسوائي.

دل جي دنيا سڌري ٿي پئي،
الجهي، الجهي، سلجهي ٿي پئي.

چڏجي جيڪ تہ دل ٿي ٻٽڪي،
پر جي روڪ تہ گهٽجي ٿي پئي.

ماڻهوءَ جي دل اهڙي ڳجهارت،
مالڪ کان بہ نہ ٻجهجي ٿي پئي.

محبت سخت ضديري نڪتي،
روڪ تہ رهندو اُگهڙي ٿي پئي.

ماڪ نہ آهي پوپٽ، مڪڙي،
پنهنجي شرم ۾ ڀڳهري ٿي پئي.

وقت عطار جي جدت سڏجي،
ڪِڪ، ڪٿوري ڳڏجي ٿي پئي.

هر ماڻهوءَ جي آس ٻخاري،
ڪاش، جي لفظ ۾ ترڻي ٿي پئي.

قھر تو آڙاھہ ٻاري، يانحسي!
دور تو اوتر اٿاري، يانحسي!

ترسان تر ۽ گھر سان گھر پيو ٿو لڙي،
آھي ڪو ھي قھر ٽاري، يانحسي!

ھو ڏسو ھابيل کي قابيل ڪيئن،
ماءُ، پيءُ سامھون ٿو ماري، يانحسي!

حرص ھيروئن تي ھيريو حسن کي،
ڪِڪ تي خوشبوءِ ڪاري، يانحسي!

ڪير آ جو قاز تو جيڏاھن ڏسي،
باز تو اوڏھن اڏاري، يانحسي!

ماٺھو پنھنجي ماٺھپي کي، روڊ تي،
پان وانگر ٿو ٿوڪاري، يانحسي!

باغ منھنجي ماڳ جا نيڪي ڪنيان،
ھن دفعي آري ۽ آري، يانحسي!

دل نہ ڪلھہ استاد جي ڏڙڪي پئي،
ڏيھہ اڄ تو ڏاڍ ڏاري، يانحسي!

عشق مونکي شرمسار ايڏو نہ ڪر.
يار، پيريءَ ۾ تہ خوار ايڏو نہ ڪر.

سڪ ۾ تا تڪڙو قدم بيڙو چون،
مونکي بيڙو بار بار ايڏو نہ ڪر.

ڪر دلاسي کي ڏگهو دلبر گهٽو،
دل نہ بيهي اختصار ايڏو نہ ڪر.

ايڏي همدردي جو سمجهان دل اڙي،
اوفقط همدرد، پيار ايڏو نہ ڪر.

پيار ۾ پاڳلپڻو تي تو وڃي،
شوق کي ڏاهو شمار ايڏو نہ ڪر.

دل خزان، ڇوتي بهارن تي مرين،
ويءَ تي ويران آر ايڏو نہ ڪر.

وڌ ۾ وڌ هو تنهنجي آهي زندگي،
زندگي جو انتظار ايڏو نہ ڪر.

عقل، مت ءِ شرم ٿئي ڏڪجي پيا،
پاڻ تي استاد وار ايڏو نہ ڪر.

○

ڪيم پڪار، ڪِليو يار، واهوا ٿي وئي.
ڏنائين درد مگر درد مان دوا ٿي وئي.

لنگهيو مسيت جي سامهون تہ مرحبا گونجي،
گهڙيو بزار تہ بازار دنبها ٿي وئي.

ڪڏهن مقام ڪڏهن ڪهڪشان ڪچهري ٿي،
اٿيو تہ پينگ جي وينو تہ چهچٽا ٿي وئي.

خيال يار جي ڪنٽار ڏي نہ ويو ڪنهنجو،
خوار پيار جي پوڪار خواهمخا ٿي وئي.

گهڙي رقيب جي بدبوءِ تنهنجي گهر ۾ آ،
وري غليظ هي خوشبو پري هوا ٿي وئي.

ڪروڙ رات جا تارا، ڪروڙ ماڪ ڦڙا،
ڏبا ضرور اها باک جي بها ٿي وئي.

جي مان ميان ٿيان ڪافر، تون ٿي بکين تو پيو،
خدا جي رحم ڪان منهنجي وڏي خطا ٿي وئي.

ڪنيم تہ دوستي، ڪوليم تہ دشمني نڪتي،
انهي تضاد جي هن سال انتها ٿي وئي.٨٨

⬠

ساک ڪنئينسين، ساک پڳيسين.
ڪوڙ هٿون جو، ڪانہ سريسين.

هو جو سامهون جرڪي مُرڪيو،
عيد تہ ٿي پر ديد ڏکيسين.

بوسي رَس کي ٻيٽيان ڇا سان،
ڪابہ نہ اهڙي چيز چکيسين.

ڳائي ڳائي، ناچ مچائي،
لڄ پڄ تنهنجي لڄ رکيسين.

لڄندي لڄندي ڇٿو تہ ٻلي ڇٿو،
لِڪندي لڪندي رات ڪٽيسين.

هيڏان رهبر، هوڏان رهزن،
وچ تي پنهنجي واٽ وتيسين.

ماضي مردو، حال لجي پيو،
آئينـدي ۾ آس رکـيـسين.

جهيڙو جانيءَ ڪارڻ جوٽيو،
ڪلفت، الفت لاءِ ڪٿيسين.

صحرا هاسين، سمنڊ گهريوسون،
پنب منجهان ٽي باک ٽڪيسين.

چاهہ چُڪيءَ مان رات بخاري،
رهندو ويتر تاس وڌيسين.ءءء

○

ڌَرد ورتي زندگي جا تي وئي.
رات وو وو، صبح وهوا تي وئي.

ڀاڃا ڀاڃا آس، مايوسيءَ ۾ هئي،
شوق ڀڙڪائي تہ شعلا تي وئي.

”جيتري دنيا وڌائي دلڪشي،
تيتري منهنجي تمنا تي وئي.“

تنهنجي منهنجي تانگهہ جي ڳنڀيرتا،
چَؤنڪ تي تڙپي تماشا تي وئي.

گفتگو تو پئي ڪچهريءَ ۾ وندي،
مون ڏِني، مصري، پتاشا تي وئي.

ڪوهہ تي ڪونجون تہ ڪينجهر تي ڪنول،
بات منهنجي بخرا بخرا تي وئي.

ڏيري ڏيري دل جي بستي دوستو،
درد ڪان گذري ڌماڪا تي وئي.

منهنجي دل ۾ ڪوڙ جهوريون جهوپڙيون،
بزم تنهنجي باغ– بنگلا تي وئي.

⬠

○

ڪلهہ شام مليو ڏنڌ ۾ هڪ انڌو غم.
چپ چاپ سڄي رات رُنو گونگو غم.

هڪ سونهن ۽ ٻيو سنڌ جو غم سهٽو آ،
مونکي نہ ڏجان ڏات ڪڏهن ڪوجهو غم.

مون دوست، رنو ڪونہ ٿي تو ڇو روڪيو،
آ عيد اڳيان، ديد پٿي ڏوتو غم.

هڪ رات خطرناڪ، خوشيءَ ساڻ ملڻ،
هو ساڻ، مگر چور ٿي ويو منهنجو غم.

ٻُت چرڪ پري، نرڙ ٽِمي، ننڊ ڦٽي،
هر ته ۾ سڄائي تو وڃان تنهنجو غم.

پوشاڪ خوشيءَ جي جووتي دک لاهي،
مون خود کي ڇيو، پاءِ ڪٽي چوغو غم.

غمگين جي نغمن کي نہ ماتم سمجهو،
پِنڪو نہ سڏيو يار، نچو هوندو غم.

مون ينب بيابان ۾ واچوڙو ڏٺو،
هڪ ديد جو ارمان هو ٻيو دل جو غم.

مظلوم سڏيو، تير تي ٽڪرو پهتو،
مون زوم ڏٺومانس هٿو منهنجو غم.

طوفان ٽڌا ساھ، ڳڙا ها سڏڪا،
ڀونچال تي استاد اٿيو تنهنجو غم.

○

”هِن ڪي هُن وٽ سُڪون ملندو آ.
جنهن تہ زخميءَ ڪي خون ملندو آ.

الوداع چئي، شعور ڇڄندو آ،
مرحبا چئي، جُنون ملندو آ.

نان، ايمان آ، جي ان سان گڏ،
ميم ۽ الف، نُون ملندو آ.

عزم منهنجي عظيم ارڏي سان،
ظلم ٻٽجي زبون ملندو آ.

سنگمرمر جسم، نيڻ نيلم جا،
سُهڻو ڇاجو، سُتون ملندو آ!

برف هو، باهہ تون بخاري آن،
جنوريءَ سان نہ جُون ملندو آ.“

⬠

اڄ وري ڦٽجي، خوشي ڦاڙي ڇڏيم.
خار ۾ ڦاڙي، ڪٽي، ساڙي ڇڏيم.

تن جون ڇُنڪيون اڄ وتان تو ڳڏ ڪندو،
چاهتون جي ڪالھہ ڇيهاڙي ڇڏيم.

پو پَتو پيو، دوست تي ڏاڙيل پيا،
پريت پنهنجي سامہ هِن پاڙي ڇڏيم.

برف باريءَ ۾ رلي، ڪمبل نہ آ،
رات لئي تنور ڪي تاڙي ڇڏيم.

ديد واڙي، ڇيلڙا ڳوڙها هٿا،
ڇال ڏٺي نڪتا تي پر واڙي ڇڏيم.

“سونهن تنهنجي عرش تي اڏري تڏهن،
چاهہ پنهنجا چوٽ تي چاڙهي ڇڏيم. ٤٩

فلسفي جي ٻول ۾ ڦولهيو ٿا ڇا،
”ڇو ۽ ڇا“ دل ٺيم ڇيڇاڙي ڇڏيم.

مان لنگهيس خاموش محرم ماه جان،
رهزن ۽ رهبر ٻئي راڙي ڇڏيم.

سمنڊ پَلٽيو، چهرو صحرا ويو ٻُڏي،
ظاهري، ڳوڙها ٻہ ٽي ڳاڙي ڇڏيم.

ڇڻو يلي يونچال تون استاد ڪي،
ڏوڏ جا مينار ڏونڌاڙي ڇڏيم.

○

”گُلزار ذات هُن جي، گلفام هوس نالو.
هڪ شخص هن جو عاشق، بدنام هوس نالو.“

هي جهُومَ، جوش، مستي، تو رقص شرمندو ٿئي،
ماٺهن رکي چڙيو پر ماتام هوس نالو.

”قُدرت کي هڪڙي ڏي هڪ پُٽ آ، سيئي سجائو،
هڪ جو سزا ۽ ٻئي جو انعام هوس نالو.“

”پامستت مان نہ آهيان پر ايترو پَتو پيو،
آغاز جو ڏنم هٿ، انجام هوس نالو.“

ليليٰ انا بنائي، مجنون ان تي ٿي پيو،
رهندو عراق ۾ هو، صدام هوس نالو.

”هڪ عشق جي ڪري ٿيو استاد نامور نہ تہ،
بيڪار ڦرندو هو پيو، ناڪام هوس نالو.“

⬠

○

”پيار ڪان جو ڪري پرهيز سو موڳو هوندو.
يا تہ ٻوڙو يا تہ گونگو يا تہ انڌو هوندو.“

”شعر ڪو تِير ٿي دشمن ڪي ڪُتو دوڏي ۾،
شعر ڪو هارُ ٿي معشوق ڪي پهتو هوندو؟“

ها ڪڏهن فرش بہ آ عرش ڪي ڏوڏي وجهندو،
تنهنجي گوڏي سان لڳي منهنجو ويو گوڏو هوندو!

بيت مون جو بہ پڙهيو ڳوٺ جو پونگو سمجهو،
ڏيان جنهن ڪونہ ڏنو سيٺ جو بنگلو هوندو!

ڇا ڪجي گهرج ۾ سنسار جو گولو آهي،
تنهنجي انعام ۾ فردوس جو تحفو هوندو.

پَرُ ڪري چوٽ ڪيائين تہ چڪيائين چوٽون،
ٽاڪئين مونکي ٿي سمجهو تہ ڪو شيشو هوندو.

”هَر نئين ڏينهن نئون رنگ سندس فطرت آ،
وقت وانگي تہ بخاري بہ ٿيو پوڙهو هوندو؟“

تو تہ استاد. صفا ساڀيان سمجهو جيِون،
او ڇريا. ڪنهن ڪيو توسان اهو چرچو هوندو.

⬠

○

دربدر استاد هو پر راھہ جو پَٿر نہ هو.
انقلابي راھہ هو، درگاھہ ڪنهنجو در نہ هو.

جستجو درگاھہ کان گجگاھہ ووڙيندي ڏنو،
دل نہ هئي ڪاٽي ۽ ڪاٽي دل تہ هئي دلبر نہ هو؟

چو نہ هن کي دوست ڏوٽن، چاپڙون چوڪر هڻن،
ٽار ڳاڙهي ٻير جو هو، ٻاهرو ڏينگر نہ هو.

ڪڪ تہ ڏاڍو ٿي ڪري، ڪوڪا چين جيٺ بوٽ جا،
زندگي ڦاڙي، ڇِني اجلي ڇڏيان، ڪلتر نہ هو.

دل ۾ هو نہ تہ ڏيان ۾ هو، ديد ۾ نہ تہ ڏگ تي هو،
ڪا گهڙي اهڙي نہ سنيران جنهن ۾ ڪو محشر نہ هو.

چنڊ ڪرٽا يا چاقون چشمي کي چيرين ٽا،
بيد جو هر پَن، هوا جي هانوَ ۾ خنجر نہ هو؟

تون هئين استاد سان، آڪاس سان هئي ڪهڪشان،
تون ڇجي وٺين ڇا چوان مان، ٽر تہ هو پر جر نہ هو؟

⬠

الله ڪانپو آهي اڪر تو وارو.
پارس جو پهڻ آهي وڪر تو وارو.

در تنهنجي تي پهچان تہ سوين سجدا ڏيان،
وڪ وڪ تو گهري سجدو هي تَر تو وارو.

چوڏول جي لوڏن ۾ تہ پڙ ڪجهہ ناهن،
سنسار جي سِر ۾ آ چڪر تو وارو.

مشتاق سيارن جان وتن تا ڦرندا،
مرڪز ۾ مگر سج آ، گهر تو وارو.

غيرن جا پٿر ڍير تي اڇلي بہ ڇڏيم،
محفوظ اٿم دل ۾ پٿر تو وارو.

هر تيز تي ٻڪ غير ڪي، داسو مونکي،
وسري نہ تو وڪ وڪ ڪان مڪر تو وارو.

هِن سال جي ماتم جو نان ڇا رکندين!
جو حشر جو پِنڪو تہ هو پَر تو وارو.

استاد، بزرگن ۾ نظر تنهنجي آ،
ڏسجي تو جوانن ۾ جگر تو وارو.

○

هڪ عزم امر، موتُ مچائي نہ وڃي،
هي عقل ڪٿي عشق وڃائي نہ وڃي.

مون شوق جا هر دل ۾ مچايا شعلا،
ماحول متان برف جمائي نہ وڃي.

مشتاقَ، مکي چوس ۽ موذي چوندس،
جاني جي اڳيان جان بچائي نہ وڃي.

جهُوٽي ڪي چُمي خوشبو وني، خير آهي،
طوفان اچي باغ يجائي نہ وڃي.

ڪو هُنڪي جهلي گهور سان گهائي نہ مونکي،
درياهہ ڪي چٿو، شهر ڪي پائي نہ وڃي.

ماٺهوءَ جو مقدر تي رکي پيشاني،
ڪنهن جي اڳيان نرڙ نوائي نہ وڃي.

وڻ وڻ تہ وڳا، واڪ وڳا اڄ ڪي ڇڻو،
سنڌين جو سڄو وقت وڃائي نہ وڃي.

هڪ روپ منافق جو هجي، اک ۾ رکون،
ڪو پوش ٿي ناهي جو هو پائي نہ وڃي.

سنڌ، ڀَتَ جو نہ آ، جنگ جو، غيرت جو آ،
جو شخص وڃي لوءِ لڄائي، نہ وڃي.

دل منهنجي لڳاتار دلاسو تنهنجو،
مُنهن ٻار ڪيڏوٺي ڪان مڻائي نہ وڃي.

مون ساڻ رليو تنهنجو تصور ٿي هلي،
الله ڪري رڻ ۾ رُلائي نہ وڃي!

هِن عشق ڪي ڇڻو هوڏ ۾ افلاڪ بہ آ،
بيباڪ بخاريءَ ڪي ٻنائي نہ وڃي.

○

توتان قربان، جند جان منهنجي.
تون زمين آهين آسمان منهنجي.

ڪنهن پُڇيو: آسَ وئي ڪٿان تنهنجي،
هو هلي هينئر وئي هتان منهنجي.

سونهن ڪان مُنهن مٿيان نہ منڪر ٿيان،
باقي هِن عشق ڪان آ، بان منهنجي.

آء پٽ ڪائنات جو آهيان،
آسمان پيءُ، زمين امان منهنجي.

زندگي، نُور ۽ شعور جو سُنهن،
تون نہ الله، رسول آن منهنجي!

ڪهڪشان ڊوڙندي ڇيو چمڪي،
ڪاتہ طاقت آ پاسبان منهنجي.

گوڙجگ جو هو، شور محشر جو،
ڪرڪ گونجي وئي وچان منهنجي.

ذات، حَقُ اليَقين استاد آ،
بات، شايد آ بدگمان منهنجي.

⬠

○

هڪ سِڪ ساري عُمر ڏئي مون ورتي آ.
بخت ڀلو هو سُونهن ملي وئي سستي آ.

منهنجو رِشتو ڪنهن سان ڪنهن سان ٽوڙيندؤ،
دهشت گردؤ، سرتي سان گڏ ڌرتي آ.

سهٽي سهٽي، سسئي سهٽي، سڀ سهٽيون،
ديد پوي ٿي جنهن تي سا دِلِ پَرتي آ.

نينهن نہ رڄ پٽ، سونهن نہ ڪنڊر ٿي سگهندي،
پينگ نہ ٻٽبي سچي سِڪ جي بستي آ.

سڀ سهٽا، سڀ سهٽيون مائٽ آجو پيار،
منهنجي تمنا، راجوٽي آ رعيتي آ.

ڀاڻي هاڻي ڏيهن ڪي ڏس ڏيندي پئي،
بات سلي مون سنڌوءَ سان سربستي آ.

ديوانو استاد لڳي ٿو فرزانو،
مستي ۾ بہ تہ هوندي هڪڙي هستي آ.

⬠

○

بچيو شوخ جي شهر مان تو اچان.
ونيو زندگي موت کان تو اچان.

ہريو، بهَليو تہ بہ مهکندو بهکندو،
اوهان پاڻ سمجهو کتان تو اچان؟

مصيبت ۽ محبت ونيو تا هلن،
جهنم ۽ جنت وچان تو اچان.

تکڙ آسمان توکي کهڙي لڳي،
کڏي پوڻ ياکر، اچان تو اچان!!

پَرينُ، ياکُرن جي هِتي ڳالهہ ناهي،
ونيو قرب جا کاروان تو اچان.

پکين جون پکارون هُڙين جون رڙيون،
دِهُن جا ٻُڌيو داستان تو اچان.

انڌاري مان استاد گذران تو پيو،
اکين ۾ کنيون کهکشان تو اچان.

⬠

غمن ۾ گنوايو، خوشيءَ جي هُشي.
ڪيو اڌ مئو، زندگيءَ جي هشي.

پريل نال، سامهان، سڌو تو وڃي،
انهيءَ کي اٿو خودڪشيءَ جي هشي.

چيو تو نہ مون، تہ بہ چوي مان حسين،
اها هُنکي آ، آرسيءَ جي هشي.

ٻچيءَ کي ڇهي تو ٻِتّي کي ڇُهي،
رئي کي هوا حرڪتيءَ جي هشي.

ڪجو بخش معشوق ساري خطا،
بخاريءَ کي هئي عاشقيءَ جي هشي.

آه تي يار وري پوندو آ، پر هر هر نہ.
واءُ تي ڌار ڌري پوندو آ، پر هر هر نہ.

جهد مضبوط جهاز آهي، توڪل ترُهو،
تار ترُهو بہ تري پوندو آ، پر هر هر نہ.

وِچ اتفاق سان ڪرندي آ، ڪڏهن ڪٿهن وڻ تي،
مهٽي سان مڙس مري پوندو آ، پر هر هر نہ.

هار، سينگار بہ اکين تي مگر پيار بہ ڏي،
ناٺ تي هاڻ نري پوندو آ، پر هر هر نہ.

اوچتو آگ بخاريءَ کي بجي برهہ وري،
دوستو ٻانڊ ٻري پوندو آ، پر هر هر نہ.

○

ڪَٿ مان ڪهڙي ڪريان، جيڏو مزو جيون ۾ آ.
جي ڪٿي توريان تہ ڪنهن سان، گهٽ وزن جبلن ۾ آ.

نا اميدي ڪان وڏي آفت نہ مون ڪاٿي ڏٺي،
دل تہ ڇا ڌرتي بہ لڳندي آتہ ڇڻ ڌوڏن ۾ آ.

آسرو الله جو ۽ ڀروسو انسان جو،
هو الائي آ ڪٿي، ۽ هي تہ خود دردن ۾ آ.

زندگي پياري بہ ۽ سهڻي بہ سيني ڪان گهٽي،
زندگيءَ سان عشق ۾ دَم، سونهن معشوقن ۾ آ.

سال ڇا سَو سال ڪنهن جا ڇڻ تہ گذريا دم-گذر،
ڪنهن جو هڪڙو پهر ويندو واسجي ورهين ۾ آ.

ساهت آهي ڪيت منهنجو، ٻج سمجهو لفظ لفظ،
جوت مون ڏاڍي ڇٽي اونداهہ جي ٻيڻن ۾ آ.

اڄ مون پنهنجو پاڻ سان ڪيڏي ڪچهري آ ڪئي،
اڄ مون دل کي دلبري ڏاڍي ڏني دردن ۾ آ.

تو ڏٺو ميريو بخاري جنگ جي ميدان ۾،
مون ڏٺو نچندو بخاري امَن جي جلسن ۾ آ.

⬠

اسان بہ عشق ڪيو هو، اهو نہ تو وسري.
مچن ۾ شوق نچيو هو، اهو نہ تو وسري.

بلا تي پير نہ پيو هو جو چال ڏٺي بچجي،
ڪنوڻ ڪي ٻانهن ۾ڪيو هو، اهو نہ تو وسري.

سڳنڌ ساهہ ۾ هو گود ۾ هيو گلشن،
جگر تنور تتو هو، اهو نہ تو وسري.

اجهاڳ جهنگ ۾ ڪنهن گهُورَ جون جهلي گوليون،
شباب شينهن اتيو هو، اهو نہ تو وسري.

رنگين باغ ۾ هڪڙي حسين هرڻي هئي،
اتي چتو بہ ڪتو هو، اهو نہ تو وسري.

هزار تير هنيا موت هِن حياتيءَ ڪي،
هزار بار ڳتو هو، اهو نہ تو وسري.

گواهہ آهي انهي لطف جو حوا، آدم،
جُهي، بهشت ڇڏيو هو، اهو نہ تو وسري.

سواد عشق جو استاد زندگيءَ جهڙو،
عذاب ۾ بہ مزو هو، اهو نہ تو وسري.

جيون، آب هوا، پوڻ، اَنُ.
تن کان پيارو تنهنجو تَنُ.

هاڻي سهڻي، نُور غضب جي،
درشن دلبر، مرڪڻ مَنُ!

هڪ هڪ سَنَ آ سال «سنواريو»
پهتو هاڻي پندرهون سن.

سرتيءَ جهڙو ڪوبہ نہ ساٿي،
ڏرتيءَ جهڙو ڪوبہ نہ ڌن.

تون ناهين تصويرون تنهنجون،
هي گهر پوءِ بہ ناهي بن.

نينهن ننگي ڪي کهڙي پروا،
تنهنجو منهنجو رهجي پَنُ!

لاتو ٿئي تہ نباهہ بخاري،
هي بہ تہ هڪڙو آهي فن.

○

نہ هئي بهار نہ خوشبو، ڪلام منهنجو هو.
ڪريو قبول هوائون، سلام منهنجو هو.

سموندُ ديد هئي، دل هئي ٽتو صحرا،
ڪيئن سنيال ڪيم، انتظام منهنجو هو.

هزار وارَ سنواري هليا بزارن ۾،
جِتي بہ قيد ٿيو هوس، دام منهنجو هو.

ستم شعار ڏِسي، توب مون ستم ڏي ڪئي،
خدا گواهہ، اِهو اِنتظام منهنجو هو.

حساب جوبہ بچيو وارثن ورهايو پئي،
ڪتاب، گيت، قلم هي ڪمام منهنجو هو.

سجو جهان بنايان بهشت پيو، ڇو جو،
انهي جهان ۾ قائم مقام منهنجو هو.

نئون نِڪار، ڪلاڪار، يار استاد آ،
گناهگار وڏو سوبہ نام منهنجو هو.

⬠

مان جو آهيان أهو اهو آهيان.
وير ويري سورج ڪڏي ڏيو آهيان.

مان ميان تو يڪو جليو هوندم،
تون چوين تو تہ چمڪيو آهيان.

گيت جي جيت لئي جهليم گوليون،
موت جي وات ۾ جِيو آهيان.

جوڻ جيئري ٻہ يار متّبي آ،
مان برابر ٻيو، ٽيو آهيان.

جامَ جرڪي، خيامَ ڪي آڪيو،
تانءَ مان تانءُ پئي ٿيو آهيان.

نانهن مان آنهن ڪيئن تي نِسري؟
خوابَ ۾ خوابَ ڪيڙيو آهيان.

آءُ استاد ڏوڙُ جو دائو،
ماڳ جي مِهر موڪيو آهيان.

هَٽَ، پيرَ خُورَ لاءِ هو هٽندو ڏٺو اٿم.
۽ ڪو تہ جيئري جند لئي جلندو ڏٺو اٿم.

ڪيڏي ڪشش ڪمال جي هن سانوريءَ ۾ آ!
هر ڏينهن، رات پوئٽتان پوندو ڏٺو اٿم.

لازم نہ آهي لوچ هجي ڪنهن ڪلوڙي ۾،
جهُولي ۾ جهولندي بہ ڪو لڇندو ڏٺو اٿم.

خوشبوءِ، هير، لهر ۾ لرزو رڳو نہ آ،
ڪڏهن تہ ڏونگرن کي بہ ڏڪندو ڏٺو اٿم.

جي جسم ٿو جهري تہ وري اسم ٿو جڙي،
انسان کي لهي بہ ايرندو ڏٺو اٿم.

استاد، دل سمنڊ، اٿس وهڪرا وڏا،
هر وهڪري کي سونهن ڏي وهندو ڏٺو اٿم.

مَڃَ مڇيا وِچ مشرق مــان.
دونــهان- دونهان دانهن ڏيان.

ينيٺ- ينيٺ يُٺن بيروتي،
ڪِيڪٺ - ڪيڪٺ گيت لکان.

ڇٺانتيون- ڇٺانتيون ڇٺونڪ، گهٽيون،
ڇيخون- ڇيخون شعر چوان!

ڪڙڪي ڪڙڪي قهر ڪرن ٿا،
ڦٽڪي ڦٽڪي رقص ڪيان؟

مندر، گرجا، دير، مسيت،
ڪندر- ڪندر ڏيک ڏسان.

سوئر، سيسر، واڳون، نانگ،
”نيرو“ ڪهڙا نانوَ رکان؟

ماڻهو، محسن، مِنٽو، ميت،
”ماڻو“ سهسين مَان ڏيان.

ڇرڪي ڪيئن جهنم جاڻو؟
جنت جهڙي جوءِ منجهان.

ٿارين ٻاهر، اجارين ٽر ٽر،
استاد، اهڙي آس رکان؟

○

منهنجي عجيب عشق جا نقشا تہ ڪو ڏسي!
سپنن ۾ سونهن، سونهن ۾ سپنا تہ ڪو ڏسي!

ڪنهن گيت، آه، چاهہ ڪرشمو ڪري ڪڍيا،
هي واهہ، وِير، وقت تي ليڪا تہ ڪو ڏسي!

طوفان تيز ۾ تہ ڇا برسات ۾ ٻريا،
استاد منهنجي ذات جا ڏِيئا تہ ڪو ڏسي!

ٽِڪ ٽِڪ جي تار، تال تي هرڪو گهڙي ڪٽي،
تڙپي، ليجي تباهہ ٿيا لمحا تہ ڪو ڏسي!

انڌن ڪي ڇئو تہ گاج جي گج گج ٻڌي وئن!
ٻوڙن منجهان ٻہ وڄ جا تجلا تہ ڪو ڏسي!

اڄ عشق، عقل پاڻ ۾ استاد پرچندا،
جذبن ۾ جوش، هوش جا جلوا تہ ڪو ڏسي!

⬠

○

منهنجي سچيت سڪ جا پرچا تہ ڪو پڙهي!
ديدن جا بيت، دل جا دوها تہ ڪو پڙهي!

مونکي ڏيو منديئڙو ”مون“ ۾ رکيوئي چاهي،
ڪنهن جا جوان، جيئڙا جذبا تہ ڪو پڙهي!

عنوان جانِ جانان، مضمون گيت، گانا،
اونهو اچي اندر جا اُلڪا تہ ڪو پڙهي!

سيڪو سِٽون ڏِسيو تو معنيٰ سِڌي سَلي،
ها، پر حوال دل جا، حاشا تہ ڪو پڙهي!

چا لٿي صليب ۾ آ، عيسيٰ ڪي ڪو سٽي،
چا لطف ڪشمڪش ۾، موسيٰ تہ ڪو پڙهي!

هُنجي حسين جادو گهوگهيو، گهُٽيو گهٽو پر،
استاد جي لچڻ ۾ ”چو چا“ تہ ڪو پڙهي!

⬠

○

ڪڙڪي يڪي قيامہ ڪريو، هڪ قهر نہ هو.
صديون سمو تباهہ ٿيو، پل پهر نہ هو.

ويهون وڃون ڪريون نہ ڪري هڪ ڪٿي الا!
ڪو قهر هو خدا جو قسمہ، هي ڪڪر نہ هو!

هي زلزلو زمين تي واقع ٿيو واعظا!
محشر جو هوشروهہ هوائي هَوَرُ نہ هو.

سسئي گهٽو سڏيو نہ ڪتان ڪو متو اٿيو،
ينيور يينگ هو ڪو شڪاگو شهر نہ هو.

پر مار تو غريب جو پيتو پگهر تہ مَرُ!
تڙپي بچي پوين هي رواجي زهر نہ هو.

هڪ ڳالهہ ڪي ضرور حڪيمو ڪريو قبول،
يا دل ٺري چُڪي يا دوا ۾ اثر نہ هو.

استادَ آنڌَ، ڏنڌ ڪي ڏاڍا ڏنا اُمرَّ،
افسوس شعر شعر هو، شعلو، شرر نہ هو!

⬠

○

ڪنهن سونهن صبح، شام تي چوٽي، ڪنگي ڪئي.
چو ديد نامراد تو اونڌي منجي ڪئي!

خوش باش تون تہ آءُ جي مغموم تون تہ مان،
مون پيار ۾ ائين بہ تي توسان پٽي ڪئي.

بلڪل لذيذ ساز تي مقبول گيت جان،
هربار ديد تنهنجي نئين دلڪشي ڪئي.

تو آگريون چپن ۾ ڏئي ٿي چڪيون تہ مون،
ڪنهن سوچ ۾ اتيئي ٿي ڪا اڳڪٽي ڪئي.

بي درد لوڪ شهر ۾ خواريون بجي چڏيون،
بيباڪ شوق اڪ بہ نہ پنهنجي لڄي ڪئي.

جذبات، دل اداس ڪي اڏما ڏئي چڏيا،
برسات پئي تہ موج نئين سِر ندي ڪئي.

هن شهر جي گهٽين ۾ تماشا وڏا تيا،
هن شهر جي درين ۾ گهٽي دل لڳي ڪئي.

هر چيز تنهنجي پنهنجي حيا ۾ بڏي وئي،
بي شرم عشق ڪجهہ بہ نہ پنهنجي لڄي ڪئي.

گذريءَ جو سُور هو تہ نئين جو سُرور هو.
تهذيب، دَور، دَور نئين دلبري ڪئي.

پاڻي ڪان واءِڪانباهہ ڪان ليءِ ٻيءِ جو لطف ٻيءِ،
تو جو سڪون جي تي پڇا دل تتي ڪئي.

هيڏان شريف گيت جو ڳاتو ڪنيو تي ويو،
هوڏان ذليل گوڙ پٺي تي سرڪشي ڪئي.

خوشبو، شعاع، پڪار پڪڙجي ويا شهر ۾،
استاد پٺي شعور يري شاعري ڪئي.

آباد پنهنجي ديس جي برباد شهر ۾،
استاد تو تلاش نئين زندگي ڪئي.

○

هي عشق ڏسو منهنجي جوين جي نشاني آ.
مرحوم امنگن جي جِيوَن جي نشاني آ.

ڪنهن ڪنهن ڪي وجهان چِلڙا، ڪنهن ڪنهن کي مکيان خوشبو،
هن شهر کي آچي مون شعرن جي نشاني آ.

گهُوري تہ جگر گهائي، مُرڪي تہ مکي مرهم،
هر سونهن کي سمجهان ٿو سجڻن جي نشاني آ.

ڏس جوش ڏکي تو پيو ۽ هوش بکي تو پيو،
تہ بہ تن ۾ تمنائون، جيون جي نشاني آ.

احساس جي الماڙي، هر رنگ تي تقريرون،
شاعر جي اڪيلائي، جشن جي نشاني آ.

اٿ ميڙ اهي نڪريون، دل ڪنهن جي ٽُٽي پئي آ،
هي خاڪ بہ ڪڻ ڪنهنجي، نيڻن جي نشاني آ.

مايوس هوائن ڪان اٿ منهنجون اميدون وٺ،
دانهن جي پلاندن ۾ نغمن جي نشاني آ.

دل ديد جي آ جي تئي، شل عيد بہ آ جي تئي،
ڪنهن قيدي مُکي هِي بِن جملن جي نشاني آ.

استاد جي البم ۾ گُل ٿاڪ يلي دلبر،
هي خار بہ رک تنهنجي گلشن جي نشاني آ.

○

هن شمع ڪنئي جيڪا شعلن جي ڪهاڻي آ.
سٽجوس، اها منهنجي جيِوَن جي ڪهاڻي آ.

هن جُوءِ جي جهرڻن ۾ تنديڻ جا قصا منهنجا،
ڪجهہ ياد جوالا ڪي جوڀن جي ڪهاڻي آ.

لڪبي تہ نگاهن سان، چڀبي تہ ڇهاون سان،
پڙهبي تہ تن ۽ من سان جذبن جي ڪهاڻي آ.

پوپٽ جي پرن تي پڙهہ، مورن جي بدن تي پڙهہ،
مينديءَ جي پڻن ۾ پڙهہ، سهڻن جي ڪهاڻي آ.

احساس تي ماڪيءَ جي برسات وسي پئي آ،
برسات ڪٽي ڇيڙي بوسن جي ڪهاڻي آ.

تون ڏس تہ ڏڏڙ دل سان، منزل جو پتو ڏيندءِ،
تون پڙهہ تہ پريشاني، عيشن جي ڪهاڻي آ.

استاد جي گيتن ۾ سِٽ سِٽ ۾ ٽِڪيون پيڙيون،
جڻ باغ جي بوٽن ۾ ڪندن جي ڪهاڻي آ.

⬠

○

ڏکاري جون آهون، ڏکارو سچائي.
بکاري جون باهيون بکارو سچائي.

اهو ڪيئن ساقي ڪچهريءَ جو تيندو،
نہ تو جيڪو ڍائو، اجارو سچائي.

خضر باهريون آ، ڪري رهبري ڇا،
نہ بارو سچائي نہ چارو سچائي.

بہ تي گهات هڪ وات واقف اٿم، بيو،
تو راتين جو ڪارو اندارو سچائي.

رڳو شام وارو ٿي ناهي سلامي،
مونکي ڏينهن وارو بہ تارو سچائي.

تضادن جي هڪ بئي تي ڪرڙي نظر آ،
تکي تيز تڙکي ڪي پارو سچائي.

ڏُکي چو تو ڏاڍو سو سمجھي تو ھيٺو،
ڪبوتر تو شڪري جو جھارو سڃاڻي.

اسين پاپ ڪي اھڙو چاٺون سڃاڻون،
ڪپہ ڪي جٺين تو پڃارو سڃاڻي.

وتي عقل، مت، شرم ٽيئي نھوڙيو،
انھي شاھ ڪي شھر سارو سڃاڻي.

ٻجھي ڪان ٻجھو راز اوري وڃون تا،
ھجي ڪو سياڻو اشارو سڃاڻي.

ڦڙو مينھن جو آھي اھڙو بخاري،
نہ تو ڪير ان جو ڪنارو سڃاڻي.

سهڙيس اهڙي سَنَ ۾.
سونهن چمان سپنن ۾.

ساهہُ سِکي، اک روکي،
شوق ٻُڏي شرمن ۾.

اک اک کي کيکاري!
ٻَک تہ وجي پيا ٻَن ۾.

چَپ نہ تہ چنگ تہ چاتم،
چاهت پوبہ جيپن ۾.

ڳل نہ تہ ڳاڙها گُلَ ئي،
هوندم حسن هٽن ۾.

گُلَ گُلَ ۾ گُم ٿيندم،
گهمندم چا گلشن ۾!

گُم سُم يار بخاري،
سُس پُس آ سهٽن ۾.

جتي بہ شوق کي پورو شباب ايندو آ.
اتي ضرور وڏو انقلاب ايندو آ.

کري جو هوش ۾ هيڏو حجاب ايندو آ،
اهو بہ جوش ۾ تي بي حجاب ايندو آ.

سوال رات سڄي ڪن تکي تکي تارا،
جواب پاڻ ڪٽي آفتاب ايندو آ.

جڏهن هِياءَ ۾ هوندو ڇُپيو تکو ڪنڊو،
تڏهن نگاهہ ۾ نکري گلاب ايندو آ.

هزارَ تابَ تکي آفتاب جان پائي،
ڏِسي تہ کير ڏسي، بي نقاب ايندو آ.

هلون هميشه يڻائي جي چو نہ ميلي تي،
سڄي خطي جو اُتي انتخاب ايندو آ.

ڪڏهن ڪڏهن تہ تمنا ڪندي تِلاوت آ،
ڪڏهن ڪڏهن تہ نظر هو ڪتاب ايندو آ.

رُسي وڃي تہ بخاري، مٿان اجل ڪڙڪي،
اچي قريب تہ يومُ الحساب ايندو آ.

○

تنهنجي تلاش منهنجي جهوري نہ ٿي پوي،
هيءَ ڳالهہ موت جهڙي ڳوري نہ ٿي پوي.

لڙُن جا لڳي لڪايان چوري ضرور ڇٽبي،
چاهت ڇڙي ڪريان پر زوري نہ ٿي پوي.

مُرڪي خدا خضر جي مونکي ڏني حياتي،
ڪُرڪي چوان تہ ڪاتي توري نہ ٿي پوي.

ميندي تہ آنڊ ڏُند ۾ ڪنهن کي مکي وجو،
پر پريت ڪنهنجي دل ۾ زوري نہ ٿي پوي.

هيءَ ذات، لات جنهنجي اڳتي اڏام آ،
ڪنهن زور ڪان ڏران تو ڏوري نہ ٿي پوي.

دنيا گهٽي ڪشادي، ڏرتي وڏي بخاري،
دلڙي بغير سِنڌڙي جوري نہ ٿي پوي.

⬠

○

اڄ بہ الا ڪو الڪو آهي.
ڪوڙ خوشيون تہ بہ ڪٿڪو آهي.

ڏک، سک، چاهہ چڪور ڪي آ،
چنڊ ڪي ڪوبہ نہ اُڏڪو آهي.

سوچون، لوچون اهڙيون وچڙيون،
جڻ تہ منجهي پيو سٽ ڪو آهي.

تنهنجو گل بہ لڳي گلدستو،
ڳڻ بہ ڳٽن جو ڳٽڪو آهي.

چمر تہ چمون چانڊوڪي، چوجو،
چانڊوڪي ڪو چٽڪو آهي.

سونهن پڪاريو سوريءَ بيهي،
پهتو، سورهيہ پٽ ڪو آهي.

هوڏي نغما، ناچ بخاري،
هيڏي ڪِهون، ڪُٽڪو آهي.

⬠

هر شهر وٺي تو اهڙو جڻ هر شهر ۾ منهنجو يار آهي.
هر پار لڳي تو پيارو ڏاڍو جڻ تہ پرينءَ جو پار آهي.

ڪي سنبري ڪي- جي ڏانهن هلن، ڪي ننگڙا نڪري ناڻ منگن،
هر ٻار ڏسي سوچيان ٿيڻو جڻ منهنجو پنهنجو ٻار آهي.

او يورل تهنجو ٻُت پيليل، جڻ ساري يُون ٿي پيليل آ،
هيءَ ڪک ڪان تهنجي چڪ ڦاٽل، جڻ ڏيهہ سڄي ۾ ڏار آهي.

هت ڪوبہ اڪيلو هٿ ڪونهي، محبوب مِلي ڏس ميلو آ،
وڻ وڻ سان ٿي وٽڪار وڏي، گل گل سان باغ بهار آهي.

استاد طبيعت تو تاتِي، ڪجهہ آتي آ ڪجهہ جذباتي،
هِن دردَ وتيءَ دنيا ۾ هڪڙو سونهن پريو سنسار آهي.

○

سونهن تنهنجي سامهون "ٽا-ٽا" تي وٺي.
ديد ٽڪرا، پرجهہ پرزا تي وٺي.

واسجي ويو آسو پاسو پهتين تون،
ڪجهہ ڪيٽين، وڻ وڻ مان وهوا تي وٺي.

توسان منهنجو ايترو رشتو وڌو،
تنهنجي دنيا، منهنجي دنيا تي وٺي.

ديد ۽ دل جي نٺين صورت ڏسو،
هڪ تہ دريا، ٻُوءِ صحرا تي وٺي.

ڪئي بهارون ڪئي خزائون جهول ۾،
عيد عاشورن سان يڪجا تي وٺي.

حسن جي خواهش سڪي بازيگري،
عشق جي منشا تماشا تي وٺي.

روشني رفتار تون آئين تہ پئي،
تيز تنهن ڪان ٿي تمنا تي وئي.

نينهن ڪان نهڪر ڪئي ڪنهن ڪنهن ڪئي،
حسن لءِ هر ڪنهن ڪان "هاها" تي وئي.

سانجهہ ٿي سورج لٿو، ڏيئا ٻريا،
رات پاڇا، ذات شعلا ٿي وئي.

ڪنهن ڪئي، ڪيڏانهن ڪئي، چالاءِ ڪئي،
اوچتو استاد "آ-آ" ٿي وئي.

مِنا تون مُرڪندي ملندين تہ چمن گلشن ٽِڙي پوندا.
ڪِلي ڏيندين، اتيئي ڏينهن جو تارا ڪِرّي پوندا.

گهُري تي دل تہ نظرن سان نظر تنهنجي چُمان چُوسيان،
مگر چيڙاڪ آهن تنهنجا ابرو جهٽ چڙي پوندا.

رُسي جي تون وڃين تو پيو تہ منهنجا ڏينهن ۽ راتيون،
زماني جي اڱڻ تي ٻارڙن جان ليٽڙي پوندا.

اڪيلائي ۽ ڪاري رات جو ڀئو سُونهن کي کھڙو!
جتي ڪا شمع روشن تي تہ پروانا مڙي پوندا.

وني، هٽ سان وڃائڻ سان تہ هرڪو ساز وڄندو آ،
نهاريندين، نگاهن جا نوان نغما جِڙي پوندا.

هي بستي سونهن جي آهي، هِتي تورو هلڻ سان ئي،
قدم ڪنهنجا تہ ڇا، استادَ پارن جا ٿڙي پوندا.

○

دماغ تنهنجو خراب هوندو، دماغ منهنجو خراب ناهي.
چوان تہ تو عشق عيب ناهي، گناهہ ناهي، عذاب ناهي.

اجا جواني اُٿي ٿي ناهي، عشاق اڳ ۾ جهُڪي چُڪاهِن،
اڪيون، اڪين سان مليون، لچين ٿو، اجا چڪيو تو شباب ناهي.

رڪي اڪين ۾ ڏسانس ويهي، چنڊيانس دل سان ڇهانس ويهي،
اڪر اڪر کي چمانس ويهي، مگر هو سهڻو ڪتاب ناهي.

لکين ستارا سُنهن فلڪ تي، اُماس پويي اماس آهي،
هزار سهڻا سوال ايريا جڏهن تہ هُن جو جواب ناهي.

نقاد، ڪوجهو نہ تو چوان مان، جيئن ڪُلي تو تيئن وٺي تو،
عجيب آ ڪجهہ نئون زمانو، حسين آهي حجاب ناهي.

ڪِلي، خزان ۾ نچن بهارون، رُئي تہ چيرن ۾ اوڇنگارون،
رُسي تہ ويو ڇڻ ڪڪر اُڏامي، وَسي تہ هُن جو حساب ناهي.

مزي ۾ آهي، غني بہ آهي رقيب سامهون، مگر بخاري،
غمن ۾ گُم سُم غريب آهي، حبيب توڪان حجاب ناهي.

⬠

هو پهتو پيار جي پڄري وڃڻ کانپو.
أني برسات، ٻيلي جي ٻرڻ کانپو.

کنوڻ کنوني تہ اونداهيءَ جو پٿو ڀڄندو،
لهي ٿو رنج جو الڪو کِلڻ کانپو.

چپن کي چوربو چٿبو تہ ڪجهہ بنبو،
چون ٿا جڳ جُڙيو پر ڪجهہ چوڻ کانپو.

چٿڻين: ٻَٽوڪر، لڇيو ساگر، اٿيو اوتر،
چيم: ناچو پيو سهڪي نچڻ کانپو.

وتوسون ڪشمڪش جو لطف جيٿري ٿي،
مزو آرام جو ونيو مرڻ کانپو.

ڏنم توکي وڌي جيون ۾ لذت وٿي،
هزاروٿو مزو ٿي ويو ملڻ کانپو.

اتو سهڻيون اتو ساهڙ نچون، ڳايون،
مٽيءَ جو ڍير هونداسين مرڻ کانپو.

ڪٿي گل، تيل تي، خوشبو تي، پکڙي ويا،
بلاول دادلو تيو پيڙجڻ کانپو.

ڪکر ناهي بخاري، عشق ساگر آ،
وري آگم ڪندو رهندو وسڻ کانپو.

○

ديد، دل، دلدار تئي دوکو نہ ڇئو!
زندگي سايبان اٿئي، سپنو نہ ڇئو!

ڪائناتي گنج ۾ سڀ ڪجھہ تہ آ،
خير، شر جي ڪاڻ ڪي ڪوڪو نہ ڇئو.

چيٽ، چاندوڪيون، شفق، شبنم، ڪليون،
سونهن ڪي بازار جو سودو نہ ڇئو.

بزم ڪي باڙو بنائيندو نہ ڪر،
هاڻ جي هبڪار ڪي هوڪو نہ ڇئو.

عاشقن ڪي سنئون سِڌو لويو يلي،
قرب ڪنهنجي ڪي تہ بيهودو نہ ڇئو.

سونهن پوڄا جو سليقو سک، نظر،
سهٽو سهٽو، ڪوجهي ڪي ڪوجهو نہ ڇئو.

ڪجھہ ڪِيان توسان نہ ٽو، گونگو سڏينم،
مهرباني ڪر مگر موبگو نہ چئو،

صبح هڪڙو شام ٻيو ۽ رات ٽيون،
هي تہ ٽيو چولو، رئو، چهرو نہ چئو.

عاشق ۽ معشوق رانديگر نہ سڏ،
عشق؛ وهندو- ڪات، رانديڪو نہ چئو.

موت ٽوڙيندو نہ ٽٽندو دوستو!
ٽاڪئون استاد جو رشتو نہ چئو.

عشق سورهيہ ساڻ ٿئي، اُلڪو نہ ڪر!
پيار ۾ ٽڪرا ٻہ ٿين، پِنڪو نہ ڪر!

مشڪلون ڪونہ تہ تي مشڪل ڪشا،
عشق رِيءَ معشوق ڏي ايندو نہ ڪر.

هُن چُميون ڏيندي پڇيو، ڏِءَ ٿيئي؟ چيم،
مِينھن ۾ مھراڻ جو ماپو نہ ڪر!

او خدا، پيدا ڪري گم تي وئين،
ڇا ٿيئي تخليق ڪي ڇورو نہ ڪر!

جي خدا آهي تہ ڇا ناهي تہ ڇا،
سونھن ۾ ايمان رک، سنسو نہ ڪر!

سونھن تون آن، سِڪ ٻہ تون، سڀ ڪجھہ آ تون،
پنھنجي ڳوري "پاڻ کي" هلڪو نہ ڪر!

آدمي آ رول، ٽوڪيندا مَلَڪ،
ايترو پولار ۾ پٽڪيو نہ ڪر.

اڄ تہ ڪجھہ استاد سنجيندو ٻہ تي.
ٺهڪ ڏئي ڏئي اوچتو "وو وو" نہ ڪر!

○

ڪيئن قاتل چوان تہ ڪُهندي آ.
مونکي حد کان وڌيڪ گهُرندي آ.

شرم جي پوش ۾ چپڻ بدران،
شوق جي پينگهہ منجهہ لڏندي آ.

جوش مُنهن تي، شعاع نيڻ ڪٽي،
چا ڪپٽي، گهُورَ- گهُورَ پُڇندي آ.

عاشقيءَ سان اُها عقيدت جو،
چاهہ جو انگ انگ چمندي آ.

هوترو تي اُتان تہ اربيلي،
پوپري، چُر بغير لڇندي آ.

ديد جي در منجهان لنگهي منهنجي،
هانءَ جو گهير گهير گهمندي آ.

جا بہ استاد جي اندر جي گهُرَ،
ساتہ هن کي اڳيئي سُجهندي آ.

⬠

○

ديد ۾ دل ڪئي ٻڏي آهي،
هو رُني آ تہ هو رڙي آهي.

ڪانہ ڪا دوستي ڪئي هوندم،
خوامخوا دشمني وڌي آهي.

ير چڏيو فلسفي، عقيدي کي،
مون ٻنهي جي ٻُڌي جهڳي آهي.

دوستي، دشمني، اڪيلائي،
مون ٽنهي جي سزا سٺي آهي.

پيار تي ويو ذريون ذريون چتڙيون،
روح تي پيو ٽُڪيل رلي آهي.

زندگيءَ جي اڙي زمانا مون،
زهر پي پي، چُڪي چکي آهي.

تون ئي تي سرخرو ڪرين مونکي،
سونهن توسان مون ڪئي سچي آهي.

مُند، مينديءَ ڪي آهي ڇهڻي پئي،
هير، خوشبو ڪٿي ٻڪي آهي.

عشق جو معجزو ميو، مون ۾،
زندگي ناهہ، زندگي آهي.

راڳ تي روشني بخاري ويا،
آڳ رڳ رڳ ڪي وئي لڳي آهي.

مونکي پتو ٻه آهي ته توکي ٿو ڇا کپي.
هِن درد کي دعا کان گهٽ ٿي دوا کپي.

هن عاشقيءَ جي لاءِ سوين شرط، گهٽ ۾ گهٽ،
هڪ دل کپي ضرور ۽ هڪ دلربا کپي.

هي چوندِ تڪ جي ناهه ڪٿي ها ۾ ها ڪجي،
هي جنگ زندگيءَ جي هِت ۾ نا ۾ نا کپي.

يزدان ٿين ته ٿي ٻه سگهندين تون زاهدا،
انسان ٿين ته شرط آ، پهريان خطا کپي.

هڪ آس پاڻ ساڻ نراسا ڪنيون وتي،
نابين کي ته ڪانه ڪا آڌر، عصا کپي.

هِت سونهن ٿي سنوارجي، لوڪو دڪان تي،
هن شهر جي بزار ۾ پئي ٿي وفا کپي.

هڪڙو نہ روز- حشر ٿئي، ٻيو ظالمو ٻڌو،
ٻي لوٽ فيصلو ڪري، اهڙو خدا ڪپي.

الله پاڪ پاڻ بہ ڪڪ تي نہ پيو هجي،
او بيوقوف توکي تي ڪيتربقا ڪپي!

انسان جي انا بہ بخاري فضول ناهہ،
سنسار ڪي ضرور جيئڻ لئہ هوا ڪپي.

تنهنجو پيار ڪتورِيءَ وانگر.
هاٿي ڪاٺي ڪورِيءَ وانگر.

گهُور نہ مون ڏي گهُنڊ وجهي ٿون،
اولانبيِ، انبوريءَ وانگر.

بعضي آءُ پَڪو پروانو،
بعضي هانءُ ڀنڀوريءَ وانگر.

ڪوڪو شعر وڃي شهنائي،
۽ ڪو پُور پَپُوريءَ وانگر،

محفل هٿي معزوري جهڙي،
ميڙ مَتو مجبوريءَ وانگر.

ڪاٽ ڪيم پٿي بات بخاري،
اڌ ۾ ڇڏيم اڀوريءَ وانگر.

○

هلو سنيالي، سنيالي، لتاڙجي نہ وڃو!
اڇي مڪار جي مُنهن ۾، ڇپاڙجي نہ وڃو.

ڇڄي ڇڄي نہ رنيو لاڙ، ٿر، سرا، ڪاڇا،
ڪروڙ ظلم جي لوڙهي ۾ واڙجي نہ وڃو.

اتو تہ تيز تتا آفتاب تي ايرو،
ڪتاب تي نہ اڇو چو تہ ڦاڙجي نہ وڃو.

اڳيان اڪاريو صحرا، سمونڊ ساڻ ڪٽو،
سراب راهہ ۾ آهي تہ ساڙجي نہ وڃو.

اها بهار جي پهچي تہ پو خزان ناهي،
انهي بهار ڪان اڳ ۾ اجاڙجي نہ وڃو.

وري وري بہ بخاري ائين پڪاري ٿو،
هلو سنيالي سنيالي، لتاڙجي نہ وڃو.

⬠

گهٽو اداس نہ ٿي جو اجهائجي نہ وڃين!
وڏو جهان آ غم جو، وڃائجي نہ وڃين!

هي جام، جام تي پيئندي ٿي رهندو تاس وڏي،
تہ احتياط، اجا بي اجائجي نہ وڃين!

رکين تہ چنڊ سان رک چاھہ، ڏي چڙي تارا،
متان هزار ذريون ٿي ورهائجي نہ وڃين.

خلوص، چنگ نہ ٿي جو بکيا وتن چارڻ،
ڪجي، امير جي در تي وڄائجي نہ وڃين.

ٺڪر نہ ٿيءَ متان نانگٽيون نچن توتي،
ککر نہ ٿي جو گگن ۾ نچائجي نہ وڃين!

اسان سان حورُ، خواب ۾ بہ بي حجاب نہ ٿي،
نڪور تانءَ تہ آهين، امهائجي نہ وڃين!

چڪور، چنڊ کان، مجنون خان ليليٰ کان،
تہ ڪاٿي سونهن کان تون بي ستائجي نہ وڃين.

بچيو تہ ڪجهہ بہ بخاري نہ آ، مگر اي دل،
اجا بہ عشق تہ آهي، اگهائجي نہ وڃين.

○

ماٺهن ليکي ڏينهن لنگهايان، گهنيون، پاڙا گهمندي گهندي.
شاهد تنهنجي شهر جا دونهان، در در دانهيان دکندي دکندي.

مان نہ مجاور هڪ منزل جو، ساٿي قدم قدم جو،
آس پڄايان سڪندي سڪندي، سوچ وڌايان پچندي پچندي.

تنهنجي محفل، مقتل ٿي وئي، عيدون، ماتم ڏوم مچي وئي،
ڪوڙ ڪسي ويا کڻندي کڻندي، ڪوڙ ڪڏي ويا ڪسندي ڪسندي.

تنهنجا جلوا اڀ تي بجلي، منهنجا جذبا ٻر ۾ اوٺر،
حسن ڏنو مون ڏور اڏرندي، عشق ڪيو مون ٻڪندي ٻڪندي.

پاتي پانئن سيج پلنگ تي سمهندي سڪ ۾ رات گذاريم،
ساڳي ڪاغذ، ڪلڪون، ٻتيون، جاڳ لڪان پيو لڇندي لڇندي.

جهومي جهومي لوڪ ٻڌي ٿو، تڙپي هوش جو هاڻ پوي ٿو،
کِلندي کِلندي پيش ڪريان ٿو شعر لکيم جي رڙندي رڙندي.

بحث هلي پيو؛ سونهن ڪي ڇهجي، سونهن نہ ڇهجي، هوڏي ڏس،
ڇهندي رک ٿي ويو پروانو، پنٺر اڏائو چمندي چمندي.

چوٿو چيڙين سُورَ بخاري، پنهنجي سِڪ جا چرڪ پرڪيندي،
پوتہ وري تون تڪجي پوندي، پنهنجا ڳوڙها اگهندي اگهندي.

⬠

ويــڌن ۾ دل ووڙي ٿي پئي.
ٽڪرن ۾ نئن ڊوڙي ٿي پئي.

گـولي ڪـڙڪي، ڳيـرو ٽـوُرو،
مـوڳي ٿاري جهـومي ٿي پئي.

چيٽ، ڪتيءَ ۽ ينٽر، ڪليءَ جي،
لوڪ ڪهائي لڪجي ٿي پئي.

ساگر- بادل، صحـرا- اوٺر،
ڌرتي، اڀ ڏي اڏري ٿي پئي.

ڪيڏا شعر، ٽـانڊا ٿي ويـا،
ٽانڊن تي رک پڪڙي ٿي پئي.

مڪڙي وهنتي ماڪ ڦڙي سان،
پوپٽ پَرَ سان ڊڪجي ٿي پئي.

اڄ، ڪلهہ تي تصوير بخاري،
آئيندي جي ٻٽجي ٿي پئي.

○

اوهان سمجهو تا چمڪي ٿو، مان پڙڪان ٿو.
جهجهڙ ۾ ڪوتہ جهٽونڪي ٿو، مان پڙڪان ٿو.

يلي سيڪيو اوهان پنهنجون ڳگيل سوچون،
مٿان پارو بہ ڪڙڪي ٿو، مان پڙڪان ٿو.

هي يارو معجزو ڪونهي، نظارو نينهن جو آهي،
برابر مينهن برسي ٿو، مان پڙڪان ٿو.

مان پروانو تہ ناهيان، آهيان پوپٽ پر،
جي گل کو شمع ٻڌجي ٿو، مان پڙڪان ٿو.

نہ چٺ پٽر، ڪٽي پٽر بہ سمجهو پر،
اچيو چقمق جي چهٽي ٿو، مان پڙڪان ٿو.

بُنيءَ تي ماٺ بَر جي، ٻاٺ ساگر جي،
گهٽيءَ ۾ گيت گونجي ٿو، مان پڙڪان ٿو.

بخاري ٻاهہ ناهيان، ٻاغ آهيان پر،
اُلا تي واءُ وچڙي ٿو، مان پڙڪان ٿو.

⬠

چاهہ اندر ۾ چهرو چمڪي،
جهُڙ ۾ بجلي جهُڙ تو چمڪي.

آڳ لڳي تس، جانِ جلي تس،
هُونءَ نہ تہ ڄوڏو ڄوٽو چمڪي!

روشن رُخ تي مُرڪ خوشيءَ جي،
چانڊوڪيءَ ۾ چشمو چمڪي.

ٻوري ٻُت تي ڪارو چولو،
سنهڙي جهُڙ ۾ سج ٿو چمڪي.

گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گرهڻ رُولو،
چنڊ هجي تہ ٻہ ڄوڪو چمڪي!

”داغ نہ سمجهو چنڊ جي مُنهن تي،
ڪنهن عاشق جو چَڪُ ٿو چمڪي؟“

سانجهيءَ تاري أيرهٔ سان ٿي،
اڪ ۾ ڪنهن جو اُلڪو چمڪي.

مان چاهيان تو تنهنجي چَپ تي،
بينسر سان گڏ بوسو چمڪي!

جرڪو يارو ڪا جهَل ناهي،
جانِ جلائي جيڪو چمڪي!

دل ۾ روشن درد بخاري،
چُلهہ ۾ ڪاندبو ٽانڊو چمڪي.

○

هي ڪير هو ميلي ۾ جمالو تي لڳو.
جهيڙي ۾ ڏنومانس جوالو تي لڳو.

پڳ برف، متو اوچي ۾ اوچي چوٽي،
هڪ شخص بلنديءَ ۾ همالو تي لڳو.

ابليس ڪان حرڪت ۾ هو آدم اڳتي،
جبرائيل ڪان جرئت ۾ جيالو تي لڳو.

هو سمنڊ وڏو، پوندءِ تي مڏ جو مَٽڪو،
اي، وقت- موالي جو پيالو تي لڳو.

الله بہ حاڪم آ، نبي نائب آ،
مذهب بہ سياست جو ملهالو تي لڳو.

هو هِير جي ياڪر ۾ بخاري خوشبو.
اونداهہ جي سيني تي اجالو تي لڳو.

استاد جي آواز کي روڪيائون ٿي،
آڪاڙ جي طوفان کي تالو تي لڳو.

⬠

سونهن خاموش هئي، عشق بيچين آهُن جو انبار هو.
خوشبو محبوب هئي، واءُ رولاڪ، بيباڪ، هوشيار هو.

عشق جنهن تي جڏهن ۽ جتي تورڙو پنهنجو پاڇو وڌو،
شرم گم ٿي ويو، سوچ سهڪڻ لڳي، عقل بيڪار هو.

اڪ سڪي ٿي، ڏسي، هٿ چڪي تو ڇهي، دل ٽپي ٿي ملي،
اڄ ڪي آب جو، بڪ ڪي ڪاڄ جو ڪيڏو درڪار هو!

تورو گهُوري ڏسو ها تہ مظلوم، ظالم بہ آهي وڏو،
شمع جو روپ اهڙي انوکي نظاري جو اظهار هو.

چنڊ کي داغ هو، سمنڊ پاڳل هو، ڏونگر ٿي گونگو لڳو،
جنهن ڏي جنهن ڏي چتائي ڏٺو ٿي حڪيمن تہ بيمار هو.

زندگي ڪم جو ساگر تہ آ، غم جو صحرا بہ استاد آ،
سمنڊ، صحرا ڪنيو ٿي وتيو، آدمي هو يا سنسار هو.

نوب انڊو ڪلي پيو، صفا جهُور پوڙهو پيو سهڻو تڪي،
هي زمانو عذابن جي هوندي بہ ڪيڏو مزيدار هو!

آخري عمر استاد جي زندگيءَ جو مون نوٽو چڪيو،
تجربو پيرسن، ولولو نوبنو، سادڙو پار هو.

محبوب وطن جي تَن من ۾،
مان جيئندو رهندس جنمن ۾.

تو لاش جياريان لفظن جا،
مان جان وجهان تو جملن ۾.

مون پُٽڪيو پُونگن ۾ ويهي،
يونچال اچي پيو برُجن ۾.

مان راڳ ڪٿي ويس مَنهن ڏي،
ماتام مچي ويو مَحلن ۾.

مون شوق هوا ۾ ڦوڪيو آ،
تو جذبو جهومي پَن پن ۾.

مون لَڇ پڇ آڇي لهرن کي،
مون چٽنگون اوتيون پٽرن ۾.

گوگاءِ سيڪاريم گونگن کي،
نثون نورُ نِڪاريم انڌن ۾.

استاد بخاري ڪِٿ بہ هجي،
آواز تہ آهي ڪَن ڪن ۾.

○

جنهن وقت چني هوش ڇڏي تو مونکي.
تنهن وقت ڪٽي جوش ٻڪي تو مونکي.

مان مينهن، مان طوفان، مان ساگر، صحرا،
ڏسجي تہ اتي ڪير ڪَتي تو مونکي!

مان اهڙو ڪتاب آهيان صديون جنهنجا صفحا،
هڪ دَور نپي تو ٻيو پڙهي تو مونکي.

هي ڪير، ٻئي پير ودي تو منهنجا،
هي ڪير، نئين چير ٻڌي تو مونکي؟

درگاهہ ڪان درگاهہ ڪرڻ ڳولا نڪران،
چو يلجي رُلين تو، هو جهلي تو مونکي.

هوڏانهن رڳو ڪاندِ مُڪي آ سامي،
هيڏانهن سجو ڏيهہ سڏي تو' مونکي.

آ اهڙو وطن دوست بخاري آهيان،
جو ملڪ ئي معشوق لڳي تو مونکي.

⬠

سونهن جي سنسار ۾ اويار مان رهندو آهيان.
حسن منهنجو رب آهي، مان حسن جو بندو آهيان.

سُهڻي سرتي، تون تہ منهنجي دل جي ڌرتي تي لڳين،
صبح جو سڪ ۾ اُيرندو، سانجهہ جو لهندو آهيان.

حسن يوسف ڪي ڏسي چا قوتہ سان چيري هٿ وِڌم،
اڪ ۾ تنهنجي مُرڪ، دل تي ڪَرت پيو سهندو آهيان.

جيترو جڳ سرڳ آهي، جيترو جڳ نرڳ آ،
ايترو عمدو لڳان ٿو، ايترو گندو آهيان.

تاس ڪيتن جي اُجهايان، واس ڪيٽن جا وَنڊيان،
واءُ تي آهيان گذرندو، واھُ تي وهندو آهيان.

جسم گروي تي چُڪو، باقي اساسو روُح جو،
آسري اُن جي تي مان ڪٽندو ويندو ڪندو آهيان.

آءُ سرجٹهار خود، پينار خود، وٹجار خود،
آءُ ڪندو اُستاد ڪامل قرب جو ڏندو آهيان.

○

جهڙو ڏسي وٺين، اهڙو ڏسين ٿو.
ٻيون ڳالهيون سي ڪوڙ ٻُڌين ٿو.

ڪنڌ ورائي منهن مُسڪائي،
منهنجي لَڄ جي ڳالهہ پڇين ٿو.

تنهنجو ڪرشمو هي ڪافي آ،
ڪٿ بہ هجين پر هِت بہ هجين ٿو.

يميٽ گهر تي، پوپٽ پرتي،
مان بہ لڪان ٿو، تون بہ لڪين ٿو.

دل تي ڏرتي، اپ تيون اکيون،
”اڄ پهچين ٿو، اڄ پهچين ٿو“

دوکو، ڏير يا صدمون سمجهان!
صبر بخاري، ڪفر ڪرين ٿو!

⬠

○

سوچيم جيڪو ڪالهہ، اهو اڄ سمجهو ٿم.
سپني ۾ ئي هوس، لڌو پيو سپنو ٿم.

دوزخ ۾ فردوس سجائي سگهجي ٿو،
پِنندي، ڏيندي ٿڪ، ڏٺو اڄ انڌو ٿم.

توهر ڪِلندي ڪِلندي آڪ کي صبح ڇيو،
يار، گلاب جي گل ۾ ڳوليو ڪنڊو ٿم.

هڪڙي جهٽ ۾ چنڊ تو ٻئي ۾ سج لڳين،
جلوو تنهنجو اک ۾، جذبو پنهنجو ٿم.

سونهن سنوارڻ، ڏونگر ڏارڻ، منهنجو ڪم،
هڪڙي هٿ ۾ شيشو، ٻئي ۾ تيشو ٿم.

ڪنهن ڪنهن درد جو دوکو آهي خاص دوا،
دوست گهرايو، ڇو جو دوکو گهربو ٿم.

اوڊر تي استاد بخاري جيئي پيو،
مجبوريءَ کان اڄڪلهہ کوليو ڪنڌو ٿم.

⬠

ڪکرن وانگر ڏوران اڏري، گذرين ٿو، مان تڪيان ٿو.
پر جي بعضي برسي پوين ٿو، تن، من سوڌو تڙڳان ٿو.

تنهنجي نالي تي ٿو خود ڪان ڪاوڙجان ۽ خار بہ ڪان،
تنهنجي ناتي پاڻ سان پاڻ ٿي پرچي، ساڳيو سرچان ٿو.

ڪانہ سري او ساجن توريءَ ڪانہ سري، نہ تہ،
گڏ بہ هجين ۽ سڏ بہ نہ ڏين، پو هيڏو ڇا لڳ سڏيان ٿو.

ابراهيم نہ آهيان جنهن ڪي آڳ بنائي باغ ڏنئہ،
آءُ تہ ٻارڻ ٻارڻ ڪارڻ "عيسيٰ- موسيٰ" گڏيان ٿو.

پٿر ناهين پرور آهين، خلق سڄيءَ جو خالق آهين،
رب رحم ڪر، رب رحم ڪر، رب رحم ڪر، ڪوڪان ٿو.

ڏونگر ناهيان، ساگر ناهيان، انبر ناهيان آءُ استاد،
آدم زادو آهيان آخر تڙپي تڙپي تڦڙان ٿو.

○

عزم منهنجو عوام سان هوندو.
شاعر آ، جيئن ڪلام سان هوندو.

منهنجو تن، من لطيف سان شامل،
خام سمجهيو، خيام سان هوندو!

هيءَ بندو، پٺائي بابا سان،
جهنڊو هر جا امام سان هوندو.

سج چمڪيو صبوح سان مَس مس!
شهر سونجهيو تہ شام سان هوندو.

ڪنهنجو ڏنڌو آ، دام ڦيلائڻ،
ڪنهنجو اڏمو اڏام سان هوندو.

انقلاب انسنو متان سمجهين!
انقلاب انتظام سان هوندو.

جسم ڪاٽي هجي بخاريءَ جو.
هوش هن جو هشام سان هوندو.

سونهن جو جلوو، ڏات- ڏٺي جي لاٽ تي لڪجي.
چاهہ جو نغمو، چانڊوڪي چمڪاٽ تي لڪجي.

ڪِرٽو ڪرٽو تڏهن ڪيو مون ڪلڪ، قلم،
سوچيم جيڪي لڪجي ڪاري ٻاٽ تي لڪجي.

هالن جي ڪاشيگر ڪالهہ ٿي ڇابہ لکيو پر،
"پيٽ ۽ پيار مسئلو آ" هر پاٽ تي لڪجي.

اوچي چوٽي ڪي تو جي ڪي ڪلڪ ڪجي،
جڏهن بہ تنهنجي اپ ڪان اوچي ڳاٽ تي لڪجي.

پڪڙي تي گهر گهاٽ ڪيئن دانهوڙ وجي؟
توڙي جو ٻاڪر ڪي تو سُرٻاٽ تي لڪجي.

ڳوڙها ناهن، موتي آهن هي باغيچئو،
پاند پڪيڙيو مڪڙيون، گلڙا، ماٽ تي لڪجي.

حسن، هڳاءَ جي شاعر ڪي استاد چيو،
پيار جا ٻوٽا پوکيو، هڪ هڪ واٽ تي لڪجي.

○

هو مون هڪ جِيوَن يار ڪيو، ڏوهوئي سهي.
اک، سيني ڪي غمخوار ڪيو، دوکوئي سهي.

ڪو چارو ڪونهي جِيوَن- ساگر جهاڳڻ جو،
سو پيار ڪيو پيا، پيار ڪيو، جوکوئي سهي.

جو قرب مليو سو ڪوني بيهي ميٺو پيو،
تو پورو قول قرار ڪيو، ڪو ڪوئي سهي.

هي وقت ڪنائي هر هڪ در ڪان لنگهندو آ،
جي ڪُوڪڻ ڪان ٽا عار ڪيو، ڪُٽڪوئي سهي.

تي سنڌوءَ مالها، ڌرتي پاتي، پَٻ پرسان،
اُت بيٺو هو دل هار ڪيو، بوٽوئي سهي.

ڪو پيار پَڪو، ڪا آس پَڪي، ڪاڪل ڪانهي،
رب ڪيڏو تو سنسار ڪيو، ڪوڪوئي سهي.

هي گيت بجنسي منهنجي جيوت جهڙو آ،
جو سرجٹهار تيار ڪيو، سادوئي سهي.

هاڪاهو، ڪانيُو ناهي بخاري جو بيهي،
تو مينگهه وچي چيڪار ڪيو، چوهوئي سهي.

⬠

○

دِل ڪُنيءَ سان ديدَ ارَتي، تعزيت ڪهڙي ڪري،
قرب قاتل منهنجو، مون سان معذرت ڪهڙي ڪري.

حسن ڏي ڪاتي، آڏي ، چيرا ڏِيو زوري سَڏي،
عشق ڏي رڳ رڳ ڪُڏي، ڪو مصلحت ڪهڙي ڪري.

گُـل تہ ناهي جو ڪِڙي پئي، پَنُ تہ نـاهي جـو نچي،
خـار، خـوشبوءِ ڪي ڪِڪاري ڪيفيت ڪهڙي ڪري.

قولُ تي خـوشبـو ونـدي يـا شمع تي شعلا ڪدي،
هوُءَ آخِر هِن جي سامهون حيثيت ڪهڙي ڪري.

عشـق ئي الله آهـي، عشـق ئي انسـان آ،
عشـق جي مرضي آ پنهنجي عـاقبت ڪهڙي ڪري.

”چو نہ ٿو اوٿر، وِچون، ڏوڏا اُٿي هَٿ وس ڪرين؟“
عـشق فـرمايو تہ فـطرت سـان تِڪَت ڪهڙي ڪري.

يارَ جي تعمير سان گڏ خـارَ جي تخريب آ،
پيار جي استاد ڪوئي تربيت ڪهڙي ڪري!

⬠

○

عاشقن جو آب داڻو، انتظار.
آس جو ورثو اباڻو، انتظار.

هڪ نئون اونو نڪوري نينهن جو،
پيٽ وارو ٻيو پراڻو انتظار.

ڪُوڪجي، لُڇجي ڪري چُڪجي نہ ڪجھ،
هي ٽيو هڪ شاعراڻو انتظار.

شوق ٽيو شعلو، مسلسل دل جلي،
هاءِ جنسي ٻاھ هاڻو انتظار.

پِيڙجن احساس، آسُون، آسرا،
گهوڙا- گهوڙا، هيءُ گهاڻو انتظار!!

ساھ تائين پئي سِڪيو، استاد سو،
آہ، اوڳاڇي اڏاڻو انتظار!

⬠

جو سورج شاعرن سوچيو هو سو اُڀري چڪو هوندو!
۽ پويون پهر پوئين رات جو گذري چڪو هوندو!

ڪيو جنهن ڪوئلن، ڪنجين جي پياري ڪوڪ تي قبضو،
اهو آواز ظالم باز جو اڏري چڪو هوندو!

هِتي آزادگيءَ نالي بہ ڪو گلشن لڳو هو نہ؟
سو هاڻي هيترن سالن ڪانپو اسري چڪو هوندو!

نبي، اوتار، مصلح، فلسفي، استاد ڪيئن آيا،
يقيناً آدمي هاڻي گهڻو سڌري چڪو هوندو!

○

زهر ڍڪ ڪري پيان تو پيو.
سات سقراط سان ڏيان تو پيو.

صبر ايوب ڪان گهريم نہ مليو،
لوچ موسيٰ ڏني، لچان تو پيو.

ڪوهہ ناهيان جو زلزلو لوڏي،
چرڪ دل تي پري، ڏڪان تو پيو.

پُونءِ پرڪي پوي ڪران جي مان،
اپ قاتي تو جي اتان تو پيو.

ڪلڪ سان ڪو ٽڪر نہ تو ٽُڪجي،
تيشو فرهاد ڪان ڪٽان تو پيو.

حشر ڪر، پورهيت کي جنت ڏي،
روز الله کي چوان تو پيو.

جسم ٻي جوڻ گيت ۾ ورتي،
شعر تي شهر ۾ ٻُران تو پيو.

واءُ ۾ ساهہ مون ڇڏيا سِڪندا،
مان مري ٻي ڀڻون ڇمان تو پيو.

عشق استاد، عشق شاگرد آ،
پيار پاڙهيان بہ تو، پڙهان تو پيو.